THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 18 ڊسمبر 2025ع 26 جمادي الثاني 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (125)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi
Thursday 18th December 2025

ڪشمير ڀارت جو نہ هو ۽ نہ ڪڏهن ٿيندو، هندستان دهشتگردن جي رياستي سرپرستي بند ڪري: پاڪستان

جموں ڪشمير هڪ عالمي طور تي مڃيل تڪراري علائقو آهي، دهشتگردي جي کليل سرپرستي سان گڏوگڏ اهو ڀارت ئي آهي جنهن هر پيري پاڪستان جي خلاف جارحيت ڪئي: گڏيل قومن ۾ مقرر پاڪستاني نمائندو

شاهدين موجود آهن تہ ڀارتي جي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ دهشتگرد گروپن ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان ۽ بلوچ لبريشن آرمي شامل آهن جن پاڪستان ۾ مختلف حملا ڪيا آهن: گل قيصر سرواني

ڀارتي رياست جو اهو طرز عمل هڪ روگ ايڪٽر جي ذهنيت جي عڪاسي ڪري ٿو، سنڌ طاس معاهدي جي ڪنهن بہ شق ۾ هڪ طرفي معطلي يا ترميم جي اجازت ناهي ڏني وئي: سلامتي ڪائونسل ۾ خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گڏيل قومن ۾ پاڪستاني قونصلر گل قيصر سرواني ڀارت کي ٻن لفظن ۾ واضح پيغام ڏنو آهي تہ ڪشمير ڀارت جو نہ هو ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ٿيندو سيڪيورٽي ڪونسل ۾ خطاب جي دوران پاڪستاني قونصلر گل قيصر سرواني ڀارتي نمائندي جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو تہ جموں ڪشمير هڪ عالمي طور تي مڃيل تڪراري علائقو آهي هن چيو تہ دهشتگردي جي کليل سرپرستي سان گڏوگڏ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سردار اويس لغاري جي ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وفد سان ملاقات

بجلي جي نظام کي مستحڪم رکڻ لاءِ مالي وسيلا فراهم ڪيا ويا: اويس لغاري

نجي سيڙپڪارن لاءِ فزيبلٽي رپورٽ جلد پيش ڪئي ويندي. هن

اسلام آباد (اي پي پي) توانائي واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري چيو آهي تہ پاڪستان ۾ اٽڪل 20 گيگاواٽ صاف توانائي طرف منتقلي ٿي چڪي آهي جڏهن تہ ان نمايان اڳڀرائيءَ باوجود نہ تہ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

همدرد فائونڊيشن پاران ٻيون شهيد حڪيم محمد سعيد ايوارڊ، صحت ۽ قومي خدمتن کي خراج تحسين پيش

ايوارڊ تقريب گورنر هائوس لاهور ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ 800 کان وڌيڪ معزز مهمانن شرڪت ڪئي

صحت، تعليم، صحافت، ادب، فن، رانديون ۽ سماجي خدمتن ۾ نمايان شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويا

همدرد قيادت پاران شهيد حڪيم محمد سعيد جي مشن کي اڳتي وڌائڻ جو عزم، خاص ثقافتي پروگرام پڻ منعقد

لاهور(پ ر) همدرد فائونڊيشن پاڪستان پاران منعقد ڪيل ٻيون شهيد حڪيم محمد سعيد ايوارڊ گورنر هائوس لاهور ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ 800 کان وڌيڪ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

لاهور: گورنر پنجاب سردار سليم حيدر همدرد فائونڊيشن جي زير اهتمام شهيد حڪيم محمد سعيد ايوارڊ تقريب ۾ عرفان جوڻيجو کي ڊجيٽل انفلوئنسر ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

پاڪستان ريلوي صحافين لاءِ رعايتي ڪارڊن جو مدو وڌائي 28فيبروري 2026ع تائين ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ريلوي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان حڪومت پاران ڀارتي جهازن لاءِ پنهنجين فضائي حدن جي بندش برقرار رکڻ جو فيصلو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

آپريشن بنيان مرصوص ۾ ڀارت کي اهڙو سبق سيکاريو جو مودي ان کي ڪڏهن بہ نٿو وساري سگهي: وزيراعظم

الله جي رحمت ۽ قوم جي دعائن سان جنگ ۾ پاڪستان کي فتح ملي، جنگ ۾ مودي کي اهو سبق سيکاريو جو هميشہ ياد رکندو ۽ ان کي بہ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو

جنگ ۾ فتح ملڻ ڪانپوءِ عالمي سطح تي پاڪستان جي عزت وڌي آهي، ڀارت پاڪستان هٿان مليل شڪست نہ چاهيندي بہ نٿو وساري سگهي، شهيدن جو مذاق اڏائيندڙن لاءِ ڪا جاءِ ناهي

پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ هزارين جانيون قربان ڪيون آهن، اهو ئي سبب آهي تہ پوري دنيا دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي ڪوششن جو اعتراف ڪري ٿي

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪستان دشمن قوتن کي مليل شڪست سنهري اکرن ۾ لکڻ لائق آهي، جنهن بهادر سپهہ سالاري جو مظاهرو ڪندڙ دشمن کي شڪست ڏني: هريپور ۾ تقريب کي خطاب

هريپور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ بنيان مرصوص ۾ ڀارت کي اهڙو سبق سيکاريو جو مودي ان کي ڪڏهن بہ نٿو وساري سگهي، هريپور ۾ پرائم منسٽر ليپ ٽاپ اسڪيم جي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ ڀارت ڪڏهن بہ شڪست کي نٿو وساري سگهي الله جي رحمت ۽ قوم جي دعائن سان جنگ ۾ پاڪستان کي فتح بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

هري پور: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان قطر سان تعاون کي مختلف شعبن ۾ وڌيڪ سگهہ ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي: صدر آصف زرداري

ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويجها ۽ پائيدار ڀائراڻا لاڳاپا آهن جيڪي گڏيل قدرن، گڏيل احترام ۽ ڀائيچاري جي مضبوط جذبي تي ٻڌل آهن

پاڪستان ۽ قطر جي وچ ۾ دوستي جو رشتو ائين ئي وڌندو رهي، قطر جي امير جي قيادت کي قدر جي نگاهہ سان ڏسون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي تہ پاڪستان قطر سان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

برطانوي حڪومت سيڪيورٽي خدشن سبب پنهنجي شهرين کي افغانستان جو سفر نہ ڪرڻ جي سخت هدايت

برطانوي حڪومت سيڪيورٽي خدشن سبب پنهنجي شهرين کي افغانستان جو سفر نہ ڪرڻ جي سخت هدايت

برطانوي حڪومت ڪيترن ئي سرحدي گذرگاهن جي بند هئڻ سبب سفر انتهائي خطرناڪ قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) افغان طالبان رجيم جي سرپرستي ۾ دهشتگرد تنظيمن ۽ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

جسٽس طارق جهانگيري جو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس تي مس ڪنڊڪٽ جو الزام

ڊگري ڪيس ۾ جسٽس طارق جهانگيري اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي بينچ مان ڌار ٿيڻ جي درخواست داخل ڪئي

پوسٽ ڊيٽ استعيفي جو چيو ويو، مون کي چيف جسٽس تجويز ڪيو تہ مان استعيفي ڏئي چيف جسٽس حوالي ڪري ڇڏيان

جسٽس طارق جهانگيري پنهنجي درخواست ۾ چيو تہ ٻڌڻي هيٺ معاملي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ چيف جسٽس بينچ ۾ ويهڻ جو اهل ناهي رهيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق جهانگيري الزام هنيو آهي تہ چيف جسٽس سرفراز بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سهيل آفريدي سميت خيبر پختونخوا اسيمبلي جا 5 ميمبر اشتهاري قرار

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) اسلام آباد جي دهشتگردي ڪوڙ عدالت وڏي وزير سهيل آفريدي سميت خيبر پختونخواهہ اسيمبلي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ عورتن لاءِ ننڍين ڪاروبارن بابت ري وولوئنگ فنڊ اسڪيم شروع ڪرڻ تي غور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شاهينہ شير علي سان سنڌ مائڪروفنانس بئنڪ جي هيڊ آف آپريشنز محمد فهد سيف خان ۽ هيڊ آف بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ مسلمان ڊاڪٽرياڻي جو حجاب ڇڪڻ وارو واقعو شرمناڪ قرار

واقعي تي مسلمانن جي غم ۽ غصي جو مذاق ڪندي ڏسي سگهجي ٿو

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي رياست بهار جي وڏي وزير نتيش ڪمار جي مسلمان ڊاڪٽرياڻي جو نقاب ڇڪڻ جي انتهائي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اين ايف سي ۾ تبديلي جو فيصلو ٿي وين پ پ کي پرچائبو: راڻا ثناءُ الله

اتحادي پارٽيون گڏجي ويهنديون ۽ وسيلن جي ورهاست جي معاملي جو جائزو ورتو ويندو

پي ٽي آءِ کي جمهوري طريقي سان اڳتي وڌڻ گهرجي، جنهن سان مسئلو حل ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار سينيٽر راڻا ثناءُ الله چيو آهي تہ اين ايف بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ سموگ جي امڪاني صورتحال تي الرٽ جاري

سموگ جي صورتحال سبب ڪيترن ئي شهرن ۾ ٽريفڪ جي روانگي متاثر ٿيڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) اين ڊي ايم اي جي نيشنل ايمرجنسي آپريشن سينٽر ملڪ جي مختلف علائقن ۾ سموگ جي امڪاني بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪ بحريا جي جديد هٿيارن سان ليس آبدوز "غازي" چين ۾ لانچ

پاڪستان نيوي هنگور آبدوز پروگرام ۾ هڪ ٻيو اعزاز ماڻي ورتو: آءِ ايس پي آر

معاهدي تحت 4 هنگور آبدوزون چين ۽ 4 پاڪستان ۾ تيار ڪيون وينديون

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جديد هٿيارن سان ليس پاڪستان نيوي جي آبدوز غازي کي چين جي شهر ووهان ۾ شوانگ ليو بيس تي لانچ ڪيو ويو، آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان نيوي هنگور آبدوز بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سڊني بيچ واقعي تي بنا ثبوتن ۽ تصديق جي پاڪستان خلاف پروپيگنڊه ڪئي وئي: عطاءُ الله تارڙ

وڏائي واقعي تي مستند چينلز ادارتي قانونن جو بہ خيال نہ رکيو، ڪجهہ ميڊيا ادارن دهشتگردن جو تعلق بي بنياد طور پاڪستان سان ڳنڍيو

پاڪستان سڊني دهشتگردي جي مذمت ڪئي آهي، ڀارتي ميڊيا پاڪستان کي بدنام ڪرڻ جي لاءِ ڪاٿا حربا استعمال ڪري رهي آهي

پاڪستان ڏهن سالن کان دهشتگردي جو شڪار رهيو آهي ۽ اسان چڱي طرح ڄاڻون ٿا تہ اهڙن سانحن جو ڏک ۽ ڪرب ڇا هوندو آهي

پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن جي ڀارن بہ دهشتگردي جي خلاف ان جنگ ۾ قربانيون ڏنيون آهن: وفاقي وزير اطلاعات جون ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سڊني واقعي تي پاڪستان تي بنا ثبوت الزام هڻڻ جي مهم کي بدنيتي ۽ ڪوڙ تي ٻڌل قرار ڏيندي چيو آهي تہ سڊني بيچ واقعي تي بنا ثبوتن ۽ تصديق جي پاڪستان مخالف پروپيگنڊه ڪئي وئي، بونڊائي واقعي تي مستند چينلز ادارتي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نيشنل پريس ڪلب ۾ وفاقي وزير عطا تارڙ ۽ ٻيا ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

ورلڊ بئنڪ سان ڀائيواري سنڌ جي سڌارن ۽ بحالي واري ايجنڊا جو مرڪزي ٿنڀ آهي: وڏو وزير

عالمي بئنڪ جي 10 رڪني سينيئر وفد سان هڪ جامع، شعبي وار جائزي وارو اجلاس منعقد ٿيو

صوبي ۾ هن وقت ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان3.8 ارب ڊالر جا 13 سرگرم منصوبا جاري آهن

اسان منصوبن تي تيز عملدرآمد، مضبوط نتيجا ۽ عوام لاءِ نمايان اثرات چاهيون ٿا: مراد علي شاهہ

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اڳواڻي ڏينهن ورلڊ بئنڪ جي 10 رڪني سينيئر وفد سان هڪ جامع، شعبي وار جائزي واري اجلاس جي صدارت ڪئي، وفد جي اڳواڻي ڪنٽري بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير ڪابينا جي ميمبرن سان گڏ عالمي بئنڪ جي وفد سان ملاقات ڪندي

ڪراچي جي بلڊرن کي ڌمڪي ۽ ايران مان ٿيندڙ ڀتي جون ڪالون آيون آهن: آباد اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آباد جي اڳواڻن ڪراچي ۾ ڀتا خوري جي حوالي سان اڪيلن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڀتاخوري ۾ ملوث چانگا ۽ ڪاٺياواڙي گروهہ جا 7 ڄاڻيدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ روس پاران علائقائي تعاون کي فروغ ڏيڻ لاءِ يوريشيائي انٽيگريشن فورم جو اعلان

دهشتگردي خلاف جنگ، واپار ۽ ثقافت، تعليم ۽ توانائي فورم جا مکيہ ٿنڀا هوندا: سينيٽر مشاهد حسين

فورم سان غير روايتي سيڪيورٽي چئلينجن، ماڻهن کان ماڻهن جي رابطن ۽ علائقائي تعاون کي فروغ ملندو

ٻنهي ملڪن جي مفادن ۾ ڪو بہ بنيادي ٽڪراءُ ناهي، ۽ ڪنهن بہ نئين سرد جنگ جي مخالفت ڪن ٿا: خطاب

ماسڪو (م ڊ) پاڪستان ۽ روس جي تعليمي ۽ تحقيقي ادارن ٻنهي حڪومتن جي سهڪار سان روس جي گادي واري هنڌ ماسڪو ۾ پهريون روس-پاڪستان يوريشيائي فورم 2025 منعقد ڪيو فورم بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ماسڪو: سينيٽر مشاهد حسين سيد تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستاني عورتن جي ترقي ۽ تحفظ اسان جي اولين ترجيح آهي: راڻا عمران لطيف

اسلام آباد (اي پي پي) سينيئر صحافي، اينڪرپرسن ۽ پياس انٽرنيشنل هيومن رائيٽس جي چيئرمين راڻا عمران لطيف چيو آهي تہ پاڪستاني عورتن جي ترقي ۽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

گاڏين جا جعلي فٽنس سرٽيفڪيٽ قانون جي سنگين ڀڃڪڙي آهي، سخت ڪارروائي ٿيندي: شرجيل ميمڻ

ڪيترائي ٽرانسپورٽ گاڏين جي فزيڪل معائني کان بچڻ لاءِ ايجنٽس ذريعي جعلي سرٽيفڪيٽ وٺن پيا

صوبائي وزير پاران بي جعلي سرٽيفڪيٽس وارين سمورين گاڏين جا روٽ پرمٽس رد ڪرڻ جي هدايت

قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري ۽ رپورٽ ٽن ڏينهن اندر پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي حڪمن جي روشني ۾ جعلي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پنجاب پوليس هٿان واپاري جي گرفتاري بعد واپاري احتجاج ڪري رهيا آهن

آمريڪي فوج جي نئين سر تنظيم جي منصوبي تي ڪم شروع

نئين سر جوڙجڪ جي درخواست پينٽاگون جي سربراهہ پيٽ هيگسٿ ڪئي

تبديلي سان آمريڪي فوج جي جرنلن ۽ بحريہ جي ايڊمرلز ۾ بہ گهٽتائي ايندي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي عملدارن فوج جي نئين سر تنظيم جي منصوبي تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي ميڊيا رپورٽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ ٻن ڄڻن کي کڻڻ تي پوليس خلاف واپارين جو احتجاجي ڌرڻو

واپارين شهر ۾ احتجاج مظاهرو ڪري ٿاڻي آڏو ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

مظاهرين جو گرفتار ڪيل ٻن کي فوري طور تي آزاد ڪرڻ جو مطالبو

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) پنجاب پوليس حيدرآباد ۾ ڇاپو هڻي مشهور واپاري شاهزيب کي 60 لک جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي سان تاجڪستان جي ثقافت واري وزير جي ملاقات، ٻطرفن لاڳاپن تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) قومي ورثي ۽ ثقافت واري وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي سان تاجڪستان جي ثقافت واري بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

هنگري جو روسي اثاثن جي معاملي تي يورپي يونين سان سهڪار ختم ڪرڻ جو اعلان

بوداپيسٽ (اي پي پي) هنگري جي وزيراعظم وڪٽراوربان اعلان ڪيو آهي تہ هنگري روسي اثاثن جي معاملي تي يورپي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سوڊان ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ صدر ٽرمپ جي امن منصوبي تي ڳالهين لاءِ تيار آهيون : چيف جنرل عبدالفتاح البرهان

خرطوم (اي پي پي) سوڊان جي ڊيفيڪٽو اڳواڻ ۽ فوج جي چيف جنرل عبدالفتاح البرهان ان ڳالهہ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي جعلي دستاويزن سبب ڊي پورٽ ٿيندڙ هڪ مسافر گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اميگريشن جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي تي ڪارروائي دوران جعلي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ ۾ زخمي ٿيل هڪ سياسي پارٽي جو ڪارڪن اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ بلال ڪالوني عالم براڊ ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ سخت زخمي ٿيل سياسي پارٽي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير علي پرويز ملڪ جي ڪويت جي نائب وزير سان ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ڪويت جي نائب ۽ تجديد جوڳي توانائي واري وزير ۽ ڪويت انويسٽمينٽ اٿارٽي جي چيئرمين بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2





Daily Ibrat Hyderabad
Thursday 18th December 2025

No: XEN/(EWD)/TC/G-55/728/2025,

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر

ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن، ميرپورخاص،

ويجهو: GBHS(هاسٽل بلڊنگ) ميرپورخاص.

تاريخ: 16-12-2025

PHONE NO: 0233-9290215 EMAIL ID:xen.ewd.mirpurkhas@gmail.com

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. **ايگزيڪيوٽو انجنيئر** ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ميرپورخاص، هيٺين ڪمن جي خريداري لاءِ دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن کان ڪمپوزٽ شيڊول آف ريٽس (CSR 2024) تي مهربند آڇون/ٽينڊر گهرائي ٿو.

Sr. No. / ADP	Name of Scheme / Works	Taluka	Estimated Cost in Million Rs.	Bid Security 5% (in Rupees in the form of Call Deposit)	Tender Fee for Bidding Documents Rs.	Completion PERIOD
1	2	3	4	5	6	7
MAINTENANCE & REPAIR PROGRAMME 2025-26 (SCHOOL EDUCATION) IN DISTRCIT MIRPURKHAS.						
1	GGHS-SATELLITE TOWN	M'KHAS	5.000	0.250	3,000	04-MONTHS
2	GBPS-HAJI KHAMISO RAJAR	SINDHRI	3.500	0.175	3,000	04-MONTHS
3	GBPS-DR. JABBAR QAIMKHANI	SINDHRI	4.000	0.200	3,000	04-MONTHS
4	GGPS-ABDUL KAREEM SHAR	SINDHRI	4.000	0.200	3,000	04-MONTHS
5	GBPS-MANZOOR HUSSAIN SHAH	K.G.M	6.360	0.318	3,000	04-MONTHS
6	GBPS-MUHAMMAD ARAB MAHER	K.G.M	7.072	0.354	3,000	04-MONTHS
7	GBPS-ALI MUHAMMAD ARAIN	K.G.M	6.243	0.312	3,000	04-MONTHS
8	GGPS DEH-333	K.G.M	6.048	0.302	3,000	04-MONTHS
9	GBPS-BAGHAN WALI	SHUJAABAD	5.000	0.250	3,000	04-MONTHS
10	GBPS-KHAIR MUHAMMAD MUGHERI	JHUDDO	3.000	0.150	2,000	04-MONTHS
11	GBPS-NUSRATABAD	JHUDDO	3.200	0.160	2,000	04-MONTHS
12	GBPS-YAR MUHAMMAD RIND	JHUDDO	3.200	0.160	2,000	04-MONTHS
13	GBPS-CH: GHULAM MUHAMMAD ARAIN	SHUJAABAD	4.500	0.225	3,000	04-MONTHS
14	GBPS-KHUDA BUX LAGAHRI	SHUJAABAD	4.000	0.200	3,000	04-MONTHS
15	GBPS JUMMO RAMDAN @ RANO RAMDAN	DIGRI	1.500	0.075	2,000	04-MONTHS
16	GBPS-KALEY KHAN JARWAR	DIGRI	2.250	0.113	2,000	04-MONTHS
17	GBPS-CHUTTO @ DOST ALI JARWAR	DIGRI	2.250	0.113	2,000	04-MONTHS
18	GBPS-BUX ALI GISHKORI	DIGRI	2.250	0.113	2,000	04-MONTHS
19	GBPS-ALIABAD @ JUMOO KAPRI	DIGRI	2.250	0.113	2,000	04-MONTHS
20	GBPS-ALI MUHAMMAD JARWAR	DIGRI	3.600	0.180	3,000	04-MONTHS
21	GBPS-JAN MUHAMMAD KHOSO	JHUDDO	4.000	0.200	3,000	04-MONTHS
22	OFFICE OF THE XEN EDUCATION WORKS OFFICE MIRPURKHAS.	M'KHAS	2.025	0.101	2,000	04-MONTHS
23	OFFICE OF THE XEN EDUCATION WORKS OFFICE (B) C/WAL/LAV: BLOCK MIRPURKHAS.	M'KHAS	2.025	0.101	2,000	04-MONTHS
24	GBPS-SHADMAN KHAN GURGAZ	JHUDDO	3.808	0.190	3,000	04-MONTHS
25	GBPS-FATEH KHAN PITAFI	JHUDDO	2.250	0.113	2,000	04-MONTHS.
26	GGHS-HUDSON (CAMPUS)	M'KHAS	5.700	0.285	2,000	04-MONTHS
EMERGENT WORKS:						
27	GBPS-NOOR MUHAMMAD LEGHARI	JHUDDO	3.000	0.150	2,000	04-MONTHS
28	GGHS-DEH: 190 AKBAR ABAD	DIGRI	0.700	0.035	2,000	04-MONTHS
29	GBPS-RANJHO BHATTI	JHUDDO	3.500	0.175	3,000	04-MONTHS
30	OFFICE OF THE DEO, ELEMANTRY / SECONDARY & H.SEC MIRPURKHAS.	M'KHAS	2.000	0.100	3,000	04-MONTHS
DISTRIC ADP MIRPURKHAS:						
31	CONSTRUCTION OF 2 ROOM AND BOUNDARY WALL OF GOVT: BOYS PRIMARY SCHOOL VILLAGE DARYA KHAN KALOI, DEH: 188, UC MIR KHUDA BUX, TALUKA: DIGRI.	DIGRI	5.500	0.275	3,000	18-MONTHS
32	CONSTRUCTION OF 2 ADDITION ROOM AND BOUNDARY WALL OF GOVT: BOYS PRIMARY SCHOOL VILLAGE DARYA KHAN KALOI, DEH: 171, UC SOOFAN SHAH, TALUKA: DIGRI	DIGRI	5.500	0.275	3,000	18-MONTHS
33	CONSTRUCTION OF GMS KHAKO KHAN MAHAR, DEH: 187, UC MIR KHUDA BUX, TALUKA: DIGRI, 2 ADDITIONAL ROOMS + 2 WASHROOMS + BOUNDARY WALL	DIGRI	8.000	0.400	3,000	18-MONTHS
34	CONSTRUCTION OF ONE ADDITIONAL ROOM, BOUNDARY WALL AND FILTER PLANT FOR DRINKING PURPOSE AT SCHOOL GHULAM MUSTAFA BROHI, UC QAZI ASHRAF TALUKA: DIGRI	DIGRI	5.500	0.275	3,000	18-MONTHS
35	RENOVATION OF VOICE PRIMARY BUNGALOW NO: 02 @ GBHSS COMPREHENSIVE SCHOOL MIRPURKHAS.	M'KHAS	13.992	0.700	3,000	18-MONTHS
UNDER SUSTAINABLE DEVELOPMENT GOALS ACHIEVEMENT PROGRAMME (SAP) 2025-26 IN DISTRICT MIRPURKHAS.						
36	CONSTRUCTION OF ADDITIONAL CLASS ROOM AND PROVISION OF MISSING FACILITIES IN EXISTING SCHOOL AT GBPS MARI NAWAB SAHIB U.C MIR GHULAM HUSSAIN DEH: 277, TALUKA: K.G.M	K.G.M	2.774	0.139	2,000	04-MONTHS
37	CONSTRUCTION OF ADDITIONAL CLASS ROOM AND PROVISION OF MISSING FACILITIES IN EXISTING SCHOOL AT GBPS SOBDAR KHAN CHANDIO DEH: 350 U.C AHMED KHAN BHURGURI TALUKA: K.G.M	K.G.M	2.774	0.139	2,000	04-MONTH.

5. **آڇون/ٽينڊر دستاويز:**

i) **جاري ڪرڻ:** سيني آڇن سان گڏ هڪ بڊ سيڪيورٽي/اعلان جي رقم هر ڪم جي سامهون مٿي ڏيکاريل ٽينڊر فيس جيئن هر ڪم لاءِ (ناقابل واپسي) پاڪستاني رپين ۾ ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ بيان ڪيل رقم ۾ هجڻ گهرجي (ڪال ڊپازٽ ۾ ٺيڪيدار جو نالو ضرور ذڪر ڪيو وڃي) اهو ڪنهن به شيڊولڊ بينڪ مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ميرپورخاص جي نالي تي گروي رکيو ويندو ۽ ٽينڊر دستاويز عوام کي **06-01-2026** تي ادائيگي لاءِ جاري ڪيا ويندا.

ii) جمع ڪرائڻ: آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري **تاريخ 07-01-2026** منجهند 2:00 وڳي تائين آهي.

iii) کولڻ: آڇون ساڳئي تاريخ يعني **07-01-2026** تي 2:30 وڳي خريداري ڪميٽي جي موجودگي ۾ کوليون وينديون.

iv) موڪل جي صورت ۾ يا هيٺ صحيح ڪندڙ جي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هجڻ جي صورت ۾، آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي پڻ کوليون وينديون ۽ بوليون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان هڪ ڪلاڪ اندر کوليون وينديون.

v) **جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ کُلڻ جي جاءِ هوندي:-**

پتو: ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ميرپورخاص جو دفتر ويجهو: **GBHS (هاسٽل بلڊنگ) ميرپورخاص.**

ٽيليفون نمبر: 0233-9290215

اي ميل پتو: xen.ewd.mirpurkhas@gmail.com

vi) **موٽ نه ماٺيندڙ ٽينڊر:** هيٺين تاريخن تي ٻيهر جاري ڪيا ويندا/جمع ڪرايا ويندا/کوليا ويندا:-

ٻي ڪوشش: (الف) جاري ٿيڻ جي تاريخ 08-01-2026 کان 22-01-2026 تائين.

(ب) جمع ڪرائڻ جي تاريخ: 23-01-2026 تي منجهند 2:00 وڳي تائين ۽ ساڳئي تاريخ تي 2:30 وڳي کوليا ويندا.

01. جيڪڏهن هيٺ دستخط ڪندڙ يا حڪومت آڇ/ٽينڊر جي کولڻ جي تاريخ تي عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي، ته ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي مقرر ڪيل وقت تي واپس وصول ڪيو ۽ کوليو ويندو.

02. **واڪ/ٽينڊر دستاويز/جاري ڪيل:**

i. واڪ دستاويز اشاعت جي تاريخ کان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي هيٺ دستخط ڪندڙ جي آفيس مان اصل ليٽر هيڊ تي لکيل درخواست ۽ ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) سان گڏ ڪنهن به شيڊول بينڪ تي پي ڪي رپين ۾ هيٺ دستخط ڪندڙ جي حق ۾ ناهيل پي آرڊر جي صورت ۾. جمع ڪرائڻ تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر دستاويز ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ (http://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

ii. شيڊولڊ بينڪ آف پاڪستان پاران هيٺ دستخط ڪندڙ جي حق ۾ جاري ڪيل ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ واڪ جي رقم جو 5% (پنج سيڪڙو) واڪ دستاويز جمع ڪرائڻ وقت ٽيڪنيڪل تجويزن سان ڳنڍيل هوندو.

iii. ڪامياب واڪ ڏيندڙن سان معاهدي تي صحيح ٿيڻ کان پوءِ ست ڏينهن اندر يا SPPRA رولز 2010 (جيئن 4 آڪٽوبر 2024 تي ترميم ڪئي وئي) جي ذيلي قاعدي (5) کان پوءِ، جيئن قاعدي-37 ۾ ترميم ڪئي وئي، بڊ سيڪيورٽي ناڪام واڪ ڏيندڙن کي جاري ڪئي ويندي.

iv. سيئي تصحيحون/اوور رائٽنگون صاف اکرن سان ٻيهر لکيون وينديون ۽ واڪ ڏيندڙ طرفان صحيح طور تي مهر لڳل هونديون. قيمتون لفظن ۽ انگن ٻنهي ۾ داخل ڪيون وينديون. ٽينڊر احتياط ۽ واضح طور تي پڙهڻ گهرجن. ۽ آڇ جي هر صفحي تي دستخط ۽ مهر لڳل هجڻ گهرجي. نامڪمل مشروط ٽينڊرز قبول نه ڪيا ويندا.

V. بڊ جي ڏيتا جي قابليت جي معيار جي سيني شقن ۽ ٽينڊر/واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيل لازمي معيارن کي ساڳي ترجيح هوندي، ۽ ڪنهن به شق جي عدم تعميل آڇ جي رد/نااهلي جو سبب بڻجندي.

vi خريداري ڪندڙ ايجنسي SPPRA ضابطن 2010 جي لاڳاپيل شقن (جيئن وقت بوقت ترميم ڪئي ويندي آهي) جي تابع، آڇ يا تجويز کي قبول ڪرڻ کان اڳ ڪنهن به وقت سيني يا ڪنهن به بولي / ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿي.

vii سنڌ سيلز ٽيڪس ۽ ايف بي آر ٽيڪس وغيره، جيئن سرڪاري قاعدن/پاليسي تحت لاڳو ٿئي ٿو، ٺيڪيدار/واڪ ڏيندڙ کي ادائيگي جي وقت ڪٽيا ويندا.

viii جيڪڏهن واڪ ڏيندڙ کي خريداري جو معاهدو حاصل ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش دوران بدعنواني ۽ جعلي طريقن ۾ ملوث ڏٺو وڃي ته، اهو واڪ جي عمل ۾ حصو وٺڻ جي لائق نه هوندو ۽ ان کي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.

03. **قابليت جا معيار / ضروري گهرجون:**

i. واڪ ڏيندڙ کي فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) يا سنڌ روينيو بورڊ (SRB) جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ (ATL) تي هجڻ گهرجي جو ته اهڙي صورت ۾ واڪ ڏيندڙ نااهل ٿي سگهي ٿو جنهن صورت ۾ واڪ ڏيندڙ 4 آڪٽوبر 2024 ۾ ذيلي قاعدي (1) جي شق (a) ۾ ڪيل ترميم جي مطابق واڪ ۾ حصو وٺڻ جو اهل نه هوندو.

ii. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري C-6/اسپيشل ڪوڊ CE-10 ۾ جون-2025 تائين صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ، (4.000 ملين رپين تائين جي ڪمن کان سواءِ).

04. **قابليت:**

i. واڪ دستاويز اشاعت جي تاريخ کان ڪنهن به ڪم ڪندڙ ڏينهن تي هيٺ دستخط ڪندڙ جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا جڏهن اصل ليٽر هيڊ تي هڪ تحريري درخواست جمع ڪرائي وڃي ۽ ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) سان گڏ ڪنهن به شيڊول بينڪ کان پي آرڊر پاڪستاني رپين جي صورت ۾ دستاويزن جي حق ۾. ٽينڊر ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ (http://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.

ii. شيڊولڊ بينڪ آف پاڪستان پاران هيٺ دستخط ڪندڙ جي حق ۾ جاري ڪيل ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ آڇ جي رقم جو 5% (پنج سيڪڙو) ٽيڪنيڪل تجويزن سان ڳنڍيل هوندو.

iii. بينڪ اسٽيٽمينٽ ڪم جي اندازي مطابق قيمت جي 25% جي برابر نقد جي دستيابي جي تصديق ڪندي.

iv. ايس پي پي آر اي ريگيوليشنز شق @ 2.16، 7.9(i) تاريخ 10 اپريل 2023 جي مطابق گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم/پروجيڪٽ جي برابر قيمت کان گهٽ نه هجڻ گهرجي. جيڪو بينڪ اسٽيٽمينٽ ۽ آڊٽ رپورٽ سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي (هر هڪ گذريل 5 سالن لاءِ).

v. بولي تي تصديق سان گڏ فرم جي مجاز شخص جي دستخط، نالو ۽ مهر هجڻ گهرجي.

vi گذريل پنجن سالن دوران ڪيل ساڳئي قسم جي ڪم (ڪم) جو تجربو

a) ڪم جي تخميني قيمت جي گهٽ ۾ گهٽ 80% جي قيمت سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي قسم جو هڪ ڪم.

يا

b) ڪم جي تخميني قيمت جي گهٽ ۾ گهٽ 50% جي قيمت سان گهٽ ۾ گهٽ به ساڳئي قسم جا ڪم.

vii. ڪم جي عمل لاءِ گهربل لاڳاپيل مشينري ۽ سامان جي فهرست، جنهن ۾ ملڪيت جي دستاويزي ثبوت ۽ گهٽ ۾ گهٽ مشينري جي دستيابيءَ جو ثبوت هجي

viii. ٽيڪنيڪل عملي جي قابليت ۽ تجربي جا نالا ۽ دستاويزي ثبوت، اهم سائيٽ مئنيجمينٽ اسٽاف ۽ انهن جي ماهوار پگهار وغيره (گذريل ٽي سالن جي).

ix اي-اسٽيمپ پيپر تي حلف نامو/انڊرٽيڪنگ ته فرم ڪنهن به مقدمي ۾ ملوث نه هئي، ماضي ۾ ڪو به ڪم منسوخ نه ڪيو ويو هو (ثالثي/مقدمي ۾ داخل ٿيل ڪيسن جي فهرست ۽ ڪم جي فهرست جتي سزا شامل آهي، جيڪڏهن ڪو هجي ته ان کي ڳنڍڻ گهرجي)

x اي-اسٽيمپ پيپر تي حلف نامو/انڊرٽيڪنگ ته جمع ڪرايل معلومات/دستاويز سچا ۽ صحيح آهن.

xi واڪ ڏيندڙن پاران جمع ڪرايل دستاويزن جي هڪ لازمي چيڪ لسٽ واڪ ڏيندڙ دستاويز ۾ بيان ڪئي وئي آهي جيڪا واڪ ڏيندڙ پاران پرڻي آهي.

7. **جمع ڪرائڻ، سوال پڇڻ ۽ کلڻ جو هنڌ هيٺ ڏنل مطابق هوندو:-**

پتو: ايگزيڪيوٽو انجنيئر جو دفتر، ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ميرپورخاص، ويجهو: **GBHS _ (هاسٽل بلڊنگ) ميرپورخاص.**

ٽيليفون نمبر: 0233-9290215

اي ميل: xen.ewd.mirpurkhas@gmail.com

8. **شرط ۽ ضابطا:**

a) **هيٺ ڏنل شرطن تحت آڇون رد ڪيون وينديون:-**

i) مشروط، اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليگرافڪ آڇون/ٽينڊر.

ii) بڊ سيڪيورٽي گهربل رقم جي صورت ۾ نه هجڻ واريون آڇون.

iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ آيل آڇون.

iv) بليڪ لسٽ ڪيل فرمون.

v) حڪومت پاران لاڳو ڪيل اسٽيمپ ڊيوٽي منظور ٿيل ID تي لاڳو ڪئي ويندي.

vi) ڪنهن به جوائنٽ وينچر فرم کي واڪ جي عمل ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نه هوندي.

b) **آڇ جو ڪارآمدي مدو (90) ڏينهن آهي.**

c) پروڪيورمينٽ اٿارٽي SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019-20) جي مطابق ڪنهن به يا سيني ٽينڊرن / آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

نوٽ:

1. پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي درخواست تي تصديق لاءِ سيئي اصل دستاويز پيش ڪيا وڃن.
2. جيڪڏهن ڪو به جعلي دستاويز ملي ٿو، ته ٽينڊر کي ٽينڊر جي ضابطن جي مطابق ڪنهن به معاوضي کان سواءِ ڏنڊ سان گڏ رد/منسوخ ڪيو ويندو.
3. ٽينڊرنگ جي سلسلي ۾ سفارش تي سخت پابندي آهي. ڇوته مهر هلائڻ سختي سان منع آهي ۽ ٺيڪيدارن پاران پيش ڪيل تجويزون جن جي سفارش ۾ ملوث هجڻ جي ثابت ٿيڻ تي سندن تجويزون رد ڪيون وينديون.

(عبدالله عمر انصاري)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن
ميرپورخاص

INF/KRY/4301/2025

WORK FOR SINDH WWW.IWORK4SINDH.COM JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ايڊيٽوريل

ڌرتيءَ جي انتقام کان بچو!
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
آمريڪي تاريخ جي سڀ کان وڏيڪ پيچيدي دور جي اندروني ڪهاڻي!
صفحو 4

روزاني عبرت

پيپر ليس آفيس ڪلچر، وقت جي ضرورت...!
ڊاڪٽر ريش ڪمار وانڪواڻي
صفحو 4

منل جسڪاڻي
صفحو 4
’چڱا ڪن چڱايون...‘

مهراڻ يونيورسٽي ۾ جٽادار ترقي جي عنوان سان چوٿين عالمي ڪانفرنس جو افتتاح

سول انجنيئرنگ جو شعبو اسان جي معاشري ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ ڪرنگهي جي هڏي وارو ڪردار ادا ڪندڙ آهي: پروفيسر فتح محمد مري

اڄ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مستقبل جي قيمت تي نه، مستقبل کي محفوظ بڻائي اڄ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ کي جٽادار ترقي چئبو آهي: پروفيسر انيل ڪمار

هر ٻئي سال ڪانفرنس منعقد ٿيندي آهي، هي دور ڊجيٽل انجنيئرنگ ۽ روبوٽڪس جو آهي، انجنيئرنگ جي هر شعبي ۾ تبديليون رونما ٿي رهيون آهن: انجنيئر حافظ اسامه

تعميرات، مصنوعي ذهانت جي ڪري صنعت ۽ تعميرات جي شعبي ۾ آيل تبديلين، ماحولياتي تبديلين ۽ ٻين موضوعن تي مقالا پيش ڪيا ويا، رجن: ڊاڪٽر نفيس ميمڻ

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران سول انجنيئرنگ ۾ جٽادار ترقي جي عنوان سان منعقد ڪيل ٽن ڏينهن واري چوٿين عالمي ڪانفرنس (4 Th International Conference on Sustainable Development In Civil Engineering) جو افتتاح ٿي ويو. ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري چيو ته سول انجنيئرنگ جو شعبو اسان جي معاشري ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ ڪرنگهي جي هڏي وارو ڪردار ادا ڪندڙ آهي. روڊس، پلون، آبپاشي جو نظام، ريلوي وغيره سمورا سول انجنيئرنگ شعبي جا ڪم آهن. ڊاڪٽر فتح مري چيو ته سول انجنيئرنگ جي گهرج وڌي رهي آهي. آمريڪا پاران ترقي جي هدفن جو اعلان ڪيو ويو انهن هدفن جي حاصلات تي ڪم جاري آهي. جٽادار ترقي جا هدف حاصل ڪرڻ لاءِ هر فرد کي ڪردار ادا ڪرڻو آهي. هن چيو ته پروجيڪٽ مينيجمينٽ جي پلاننگ اهم شعبو آهي انهي تي ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. پاڪستان ۾ پراجيڪٽن جو وقت تي مڪمل نه ٿيڻ اهم مسئلو آهي. ان موقعي تي ڳالهائيندي مهراڻ يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار چيو ته جٽادار ترقي جي معنيٰ آهي اڄ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مستقبل جي قيمت تي نه، مستقبل کي محفوظ بڻائي اڄ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ کي جٽادار ترقي چئبو آهي. هن چيو ته تدريس ۽ صنعت جا شعبا گڏجي جٽادار ترقي ممڪن بڻائي سگهن ٿا. ڊاڪٽر انيل ڪمار چيو ته هي ڪانفرنس نون خيالن ۽ ايجادن کي جنم ڏيندي. هن چيو ته ڪانفرنس جي منتظمين کي مبارڪون هجن. ڪانفرنس سيڪريٽري انجنيئر حافظ اسامه چيو ته هن موضوع تي ڪانفرنس هر ٻئي سال منعقد ٿيندي آهي. هي دور ڊجيٽل انجنيئرنگ ۽ روبوٽڪس جو آهي. انجنيئرنگ جي هر شعبي ۾ وڏيون تبديليون رونما ٿي رهيون آهن. ڪانفرنس ۾ آبپاشي، ٽرانسپورٽ، شهرن ۾ تعميرات، عمارتن جي ماڊلنگ، تعميرات ۾ استعمال ٿيندڙ سامان ۽ ٻين لاڳاپيل موضوعن تي مقالا پڙهيا ويندا. ڪانفرنس ۾ پيش ٿيڻ لاءِ 170 مقالا پيش ٿيا آهن. هن ڪانفرنس ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي 13 مک مقرر آهن. ڪانفرنس جي سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر نفيس ميمڻ چيو ته هن ڪانفرنس ۾ تعميرات، مصنوعي ذهانت جي ڪري صنعت ۽ تعميرات جي شعبي ۾ آيل تبديلين، ماحولياتي تبديلين، پاڻي، ڪاربان فوٽ پرنٽس ۽ ٻين موضوعن تي مقالا پيش ڪيا پيا وڃن. ڊاڪٽر نفيس ميمڻ چيو ته هي ڪانفرنس شاگردن، محققن ۽ ماهرن لاءِ ڪارائتي ثابت ٿيندي. ڪانفرنس ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي فيڪلٽي آرڪيٽيڪچر ۽ سول انجنيئرنگ جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر رضوان ميمڻ، ڊين فئڪلٽي پروفيسر ڊاڪٽر خانجي هريجن، سول انجنيئرنگ شعبي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر نفيس ميمڻ، رجسٽرار مهراڻ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ برطانيا، آمريڪا، آسٽريليا، فن لينڊ، ترڪي، ملائيشيا سميت پاڪستان جي سول انجنيئرنگ، جٽادار ترقي، ماحوليات ۽ آرڪيٽيڪچر شعبي جي محققن ۽ ماهرن ڪانفرنس جي پهرئين ڏينهن پنهنجا مقالا پڙهيا ۽ مک مقرر طور خطاب ڪيو.

ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽي پاران سول انجنيئرنگ ۾ جٽادار ترقي جي عنوان سان منعقد ڪانفرنس ۾ مهمان اسٽيج تي ويٺل آهن

ڪوٽ غلام محمد ۾ عورت جي آزادي سنڌ جي خوشحالي عنوان سان ثقافتي تقريبون

اسٽرگل فائونڊيشن هاءِ اسڪول ۾ ثقافتي اسمن سان سجيل شاندار تقريب، سيف جي ڪامورن سميت شاگردن شاگردياڻين جي وڏي تعداد ۾ شرڪت

شاگردن پاران سائنسي سولر بجلي ميڊيڪل تي شاندار پروجيڪٽ پيش، ثقافتي ٽيبلو تقريرون شاعري پڙهي سنڌ جي ثقافت تهذيب کي اجاگر ڪيو

ثقافتي پروگرامن ۾ ڇوڪرن سان گڏ نياڻين جي محنت برابر رهي آهي ۽ سنڌي ميڊيا جو پيغام ۾ عورتن جي باري ۾ آهي: اڳواڻ

سنڌ جي تهذيب ثقافت پوري دنيا ۾ مثالي آهي، اسان وٽ مهمان نوازي اوطاقون اجرڪ پٽڪو ٽوپي سميت سنڌ جون ريتون رسمون ثقافت ۾ شامل آهن

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۾ عورت جي آزادي سنڌ جي خوشحالي عنوان سان ثقافتي تقريبون جاري اسٽرگل فائونڊيشن هاءِ اسڪول ۾ ثقافتي اسمن سان سجيل شاندار تقريب جو انعقاد سيف جي ڪامورن سميت معززن شاگردن شاگردياڻين جي وڏي تعداد ۾ شرڪت شاگردن پاران سائنسي سولر بجلي ميڊيڪل تي شاندار پروجيڪٽ پيش تقريب ۾ شاگردن جون ثقافتي ٽيبلو تقريرون شاعري پڙهي سنڌ جي ثقافت تهذيب کي اجاگر ڪيو سيف جي اسٽرگل فائونڊيشن هاءِ اسڪول ڪوٽ غلام محمد عورت جي آزادي سنڌ جي خوشحالي جي عنوان هيٺ ثقافتي اسمن سان سجيل هڪ وڏي شاندار ثقافتي تقريب فائيو اسٽار حال ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مهمان خاص ريجنل هيڊ علي شهواڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر پرائيويٽ مظفر حسين پرڳڙي پ پ پ تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي سميت سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڊسٽرڪٽ هيڊ ميرپورخاص اعجاز ڪالرو پ پ تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي گواز اڳواڻ غلام مرتضيٰ ڪالرو ۽ ثقافتي ويس پهريل معززن والدين شاگردن شاگردياڻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي پروگرام جي سيف پاٽنر عارف پرڳڙي ڪئي تقريب ۾ اسڪول جي شاگردن سائينسي سولر واٽر بجلي ۽ ميڊيڪل پروجيڪٽ پيش ڪيا ۽ داد حاصل ڪيو جڏهن ته شاگردن زبردست قسم جون سنڌ جي تهذيب تعليم ۽ ثقافت بابت تقريرون شاعري ٽيبلو پيش ڪري سنڌ جي ثقافت کي پرپونسوني سان پيتا پيش ڪئي تقريب جي مهمان خاص ريجنل هيڊ خطاب ڪندي چيو ته هن وقت سيف جي اسڪولن ۾ آئون ڏسندو اچان پيو ثقافتي پروگرامن ۾ ڇوڪرن سان گڏ نياڻين جي محنت برابر رهي آهي ۽ سنڌي ميڊيا جو پيغام ۾ عورتن جي باري ۾ آهي پ پ پ تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي چيو ته سنڌ جي تهذيب ثقافت پوري دنيا ۾ مثالي آهي اسان وٽ مهمان نوازي اوطاقون اجرڪ پٽڪو ٽوپي سميت سنڌ جون ريتون رسمون ثقافت ۾ شامل آهن هن چيو ته ٻارڙن کي سٺي تعليم ڏياريو ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۽ ملڪ سنڌ جي ترقي خوشحالي لاءِ تعليم ضروري آهي جڏهن ته آخر ۾ معزز مهمانن کي سنڌ جي روايت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا

ڪوٽ غلام محمد ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان منعقد تقريب ۾ شاگرد ڊانس ڪري رهيا آهن

مسوري گڙي هٽڙي ۾ پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ جي عنوان تحت اسپورٽ گالا فيسٽيول جو ڦيڪ

هٽڙي ۾ پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ جي عنوان تحت اسپورٽ گالا فيسٽيول

ڳوٺ گل محمد مگسي ۾ بيٽ هٽڙي جي 33 مان 23 اسڪولن حصو ورتو

اسپورٽس گالا ٻارن ۾ نظم ضبط، ٽيم ورڪ، همٿ ۽ اعتماد پيدا ڪن ٿا: موسا ڪوڪر

مسوري گڙي (رپورٽ: غلام قادر وسير) پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ جي عنوان تحت اسپورٽ گالا فيسٽيول تعلقه حيدرآباد رورل جي بيٽ هٽڙي جي ڳوٺ گل محمد مگسي ۾ 33 اسڪولن مان 23 اسڪولن حصو ورتو جنهن ۾ ونجهه وٽي، رسا ڪشي، ڪتا پائي ڊوڙ، بلور چمچي تي ڪٺن، ميوزيڪل چيئر، رسو ٽپڻ، ڦوڪڻا ڦوڪڻ، عام ڊوڙ ۽ ٻيون روايتي رانديون شامل هيون. ان موقعي تي ڊي اي او ايجوڪيشن ضلع حيدرآباد محمد موسي ڪوڪر خطاب ڪندي چيو ته پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ جو مقصد شاگردن کي رڳو تعليم تائين محدود رکڻ ناهي پر کين ذهني، جسماني ۽ اخلاقي طور مضبوط بنائڻ به آهي. هن چيو ته اهڙا اسپورٽس گالا ٻارن ۾ نظم و ضبط، ٽيم ورڪ، همٿ ۽ پاڻ تي اعتماد پيدا ڪن ٿا، جيڪي سنڌ جي مستقبل لاءِ انتهائي اهم آهن. محمد موسيٰ ڪوڪر وڌيڪ چيو ته ضلعي حيدرآباد ۾ تعليم سان گڏ راندين کي به هٿي ڏني پئي وڃي ته جيئن ڳوٺاڻن علائقن جا ٻار به پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهن. هن استادن، والدين ۽ اسڪول انتظاميا جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته گڏيل محنت سان ئي پڙهيل لکيل ۽ صحتمند سماج جو خواب ساڀيان ٿي سگهي ٿو. آخر ۾ هن ڪامياب ٿيندڙ شاگردن ۾ انعام ورهايا ۽ شرڪت ڪندڙ سڀني اسڪولن کي مبارڪون ڏنيون. هن اسپورٽ فيسٽيول ۾ ٽي او O T ايجوڪيشن تعلقه حيدرآباد محمد اقبال جمالي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آفاق احمد ڪوڪر، امداد علي شاهاڻي، ٽي او سٽي، چيئرمين 70 اورنگزيب جهيجو، چيئرمين يوسي ناريجاڻي 69 تحسين عباس مرداڻي، ٽي ايم سي ميمبر ٽنڊو ڄام غلام اڪبر جوڻيجو يوسي چيئرمين مين 3 نيرون ڪوٽ محمد عظيم برفاني، حاجي درمحمد مگسي، حاجي محمد رفيق مگسي، پروگرام آرگنائيزر مگسي قومي اتحاد اڳواڻ محمد طاهر مگسي، حاجي مبارڪ مگسي، علي مگسي، غلام علي ڳاهو، محمد عظيم هاليپوٽو، الهه جڙيو لغاري، محمد جمن ملاح، محمد هاشم ڏيهو، جهانگير لاشاري، امداد علي لنڊ، امتياز علي خاصخيلي، محمد هاشم ڏيهو، حاجي عبدالله مگسي، سيد حسين شاهه بخاري، الهه ورايو مگسي، خان مگسي، رئيس ممتاز مگسي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ عظيم الشان تبليغي اجتماع ۾ اسپري مهم شروع

اجتماع گاهه سان لڳندڙ سڀني رهائشي علائقن ۾ اسپري ڪيو پيو وڃي

وڏو ۽ اهم مذهبي اجتماع آهي، لکين ماڻهن جي شرڪت متوقع آهي: نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ عظيم الشان تبليغي اجتماع جي پيش نظر منگهوپير ٽائون ۾ صحت عامه ۽ عوامي سهولتن کي يقيني بڻائڻ لاءِ چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي جي هدايتن تي جامع ۽ منظم اسپري مهم جو باقاعده آغاز ڪيو ويو آهي. هن خصوصي مهم تحت نه رڳو مرڪزي اجتماع گاهه ۾ اجتماع گاهه سان لڳندڙ سڀني رهائشي علائقن، گهٽين، مڪيه ۽ ڏيلي رستن، خالي پلاٽن، نالن، پارڪن ۽ ٻين حساس هنڌن تي جديد مشينري ذريعي اسپري ڪيو پيو وڃي، جيئن مڇر، مکين ۽ نقصانڪار جراثيمن جو مڪمل خاتمو ٿي سگهي. چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي پاڻ موقعي تي موجود رهي اسپري مهم ۽ انتظامي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته اجتماع کان اڳ ۽ اجتماع دوران اسپري مهم بنا ڪنهن وقفي جي جاري رکي وڃي. هن موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته ايندڙ اجتماع ڪراچي جو هڪ وڏو ۽ اهم مذهبي اجتماع آهي، جنهن ۾ هزارين نه پر لکين ماڻهن جي شرڪت متوقع آهي ان ڪري ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي کان بچڻ لاءِ سڀ انتظام اڳواٽ مڪمل ڪيا ويا آهن. چيئرمين وڌيڪ چيو ته صفائي ستھرائي، وبائي بيمارين کان بچاءَ، نيڪاسي آب، روشني، صاف پيئڻ جو پاڻي، سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ مينيجمينٽ سميت سڀني بنيادي سهولتن تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته منگهوپير ٽائون انتظاميه ڏينهن رات متحرڪ آهي ۽ مختلف شعبن جون ٽيمون ميدان ۾ موجود آهن جيئن اجتماع جي شرڪت ڪندڙن ۽ مقامي رهواسين کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ٿئي. هن اميد ظاهر ڪئي ته انشاءالله اجتماع دوران سڀ انتظام مثالي هوندا. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي وڌيڪ ٻڌايو ته اسپري مهم جو بنيادي مقصد ڊينگي، مليريا ۽ ٻين وبائي بيمارين کان بچاءُ آهي. موسم ۽ وڏي عوامي اجتماع کي نظر ۾ رکندي هن مهم کي وڌيڪ مؤثر بڻايو ويو آهي. هن چيو ته اجتماع گاهه جي چوڌاري سڀني علائقن ۾ خصوصي اسپري ٽيمون مقرر ڪيون ويون آهن جيڪي مرحليوار مڪمل ڪوريج کي يقيني بڻائي رهيون آهن ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ هن مهم کي وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو. هن موقعي تي وائس چيئرمين منگهوپير ٽائون رانا محمد عارف، ميونسپل ڪمشنر احمد يار يونين ڪائونسل 1 جو ڪائونسلر جاويد بروهي ۽ ٻيا چونڊيل نمائندا ۽ عملدار پڻ چيئرمين سان گڏ موجود هئا. سڀني عملدارن انتظامي قدمن، اسپري مهم ۽ مجموعي تيارين تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ گڏيل ڪوشش سان انتظامات کي ڪامياب بڻائڻ جي عزم جو اعادو ڪيو. آخر ۾ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي عوام کان اپيل ڪئي ته هو ٽائون انتظاميه سان مڪمل تعاون ڪن صفائي جو خاص خيال رکن ۽ اجتماع دوران نظر و ضبط برقرار رکڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن جيئن هي وڏو اجتماع محفوظ، منظم ۽ مثالي نموني سان منعقد ٿي سگهي ۽ منگهوپير ٽائون هڪ ڀيرو ٻيهر بهترين انتظامن جي مثال بڻجي سامهون اچي

ڪراچي منگهوپير ٽائون ۾ مڇر مار اسپري ڪيو پيو وڃي

ڪراچي جي صحافي خادم ڪلهوڙو جو والد خيرپور ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

خيرپور (د ر) ڪراچي جي صحافي خادم ڪلهوڙو جو والد حاجن خان ڪلهوڙو 95 ورهين جي عمر ۾ خيرپور ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. ڪجهه ڏينهن اڳ مرحوم جي طبيعت ناساز ٿي هئي، جنهن بعد کين مقامي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو جتان هو اڱاري جي ڏينهن الله کي پيارا ٿي ويا. مرحوم جي نماز جنازه ملز ڪالوني جي اسپورٽس گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي. مرحوم جي تدفين شيخ طيب قبرستان ۾ ڪئي وئي. نماز جنازه ۽ تدفين ۾ سينيئر صحافين غلام عباس پنهور، خان محمد خان، عبدالمجيد پنهور، علامه حزب الله سومرو، پروفيسر گل ڪنڀر، عاجز غلام رسول ابڙو، ظهير جماڻي، پروفيسر انور پرديسي، هاشم ڀٽي، ايڊووڪيٽ عابد سومرو، عابد بلوچ، اسد الله ناريجو، عامر عباسي، اختيار احمد پنهور ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، بئريسٽر آيت الله پنهور، رٽائرڊ ڊي پي پي عبدالستار پنهور، احسان الله پنهور ايڊووڪيٽ، رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري پروفيسر عبدالسميع پنهور، پروفيسر ڊاڪٽر بختيار احمد پنهور، پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الرحمان پنهور، خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي چيف ايڊمنسٽريٽر پروفيسر ڊاڪٽر فرخ پنهور سميت ٻين شرڪت ڪئي

ڪلاسڪيل وڏيري مرحوم شاهنواز جوڻيجو جي ياد ۾ ساليانو ميلو جاري

ملاکڙو ڪوڏي ڪوڏي ۽ ثقافتي گهوڙن جي ڊوڙ جا شاندار مقابلا ڪرايا ويا

ملاکڙي ۽ ڪوڏي ڪوڏي جي مقابلن ۾ پهلوانن ۽ رانديگرن مهارت جو مظاهرو ڪيو

لائيو اسٽاڪ جي واڌ ويجهه لاءِ ٻڪرين ۽ مينهن جي نمائش پڻ لڳائي وئي

ٽنڊو آدم (ن ع) سنڌ جي ڪلاسڪيل وڏيري مرحوم شاهنواز خان جوڻيجو جي ياد ۾ منعقد ٿيندڙ ساليانو روايتي ميلو مڪمل ثقافتي جوش ۽ جذبي سان جاري آهي. ميلي جي چوٿين ڏينهن ملاکڙو، ڪوڏي ڪوڏي ۽ ثقافتي گهوڙن جي ڊوڙ جا شاندار مقابلا ڪرايا ويا. ملاکڙي ۽ ڪوڏي ڪوڏي جي مقابلن ۾ ملڪ جي مختلف علائقن مان آيل نامور پهلوانن ۽ رانديگرن پنهنجي بهادري، سگهه ۽ مهارت جو ڀرپور مظاهرو ڪيو جنهن سبب ميدان تماشائين جي تاڙين ۽ نعريبازي سان گونجندو رهيو جڏهن ته گهوڙن جي ڊوڙ ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ سميت ملڪ جي ٻين علائقن مان به گهوڙي جي شوقينن حصو ورتو. ميلي جي ميدان ۾ اجرڪ جي خوشبو، سنڌي ٽوپيءَ جي رونق ۽ لوڪ سرن جي گونج سان سنڌ جي قديم ثقافت هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي عروج تي نظر آئي. ميلي دوران لائيو اسٽاڪ جي واڌ ويجهه لاءِ ٻڪرين ۽ مينهن جي نمائش پڻ لڳائي وئي، جڏهن ته اجرڪ، سنڌي ٽوپي، روايتي پوشاڪ، هٿ جي ڪاريگري، لوڪ موسيقي ۽ مختلف ثقافتي اسٽالن ميلي کي لوڪ رنگن ۾ رڱي ڇڏيو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ميلي جي آرگنائيزر ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو چيو ته سنڌ دنيا جي قديم ترين تهذيبن جي وارث ڌرتي آهي ۽ اسان جي ثقافت اسان جي سڃاڻپ آهي. هن نوجوانن کي پيغام ڏنو ته هو غير صحتمند رجحانن کان پري رهي پنهنجي ثقافت، روايتن ۽ قدرن سان جڙيل رهن، ڇاڪاڻ ته اهي ذهني ۽ جسماني اوسر لاءِ انتهائي اهم آهن. هن چيو ته مرحوم شاهنواز خان جوڻيجو جي ياد ۾ منعقد ٿيندڙ هي ميلو حقيقت ۾ سنڌ جي ثقافت کي زنده رکڻ جي هڪ ڪوشش آهي. ان موقعي تي تعلقه چيئرمين غلام مرتضيٰ جوڻيجو محمد خان بجورو سميت ٻين معززن ۽ شرڪت ڪندڙن چيو ته اهڙن روايتي ميلن سان نه رڳو مرحوم شاهنواز خان جوڻيجو کي ڀيٽا پيش ڪئي وڃي ٿي پر سنڌ جي لوڪ ورثي، روايتي راندين ۽ ثقافت کي نئين نسل تائين منتقل ڪرڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ٿئي ٿو

ٽنڊو آدم ڪلاسڪيل وڏيري مرحوم شاهنواز جوڻيجو جي ياد ۾ ساليانو ميلي ۾ ملهه ملاکڙي جا مقابلا ٿي رهيا آهن

هنگورجا ۾ استادن ۽ شاگردن طرفان اي پي ايس سانحي جي شهيد شاگردن لاءِ تقريب، ڀيٽا پيش

ايور گرين پبلڪ هاءِ اسڪول اي پي ايس جي شهيد ٻارڙن جي ياد ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

شاگردن ٽيبلوز پيش ڪري ڀيٽا پيش ڪئي وئي شاگردن دشمن کي ٻچون کي پڙهائڻا هي گيت ڳائي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو

بزدل دشمن اسڪول تي حملو تعليم پرائيندڙ ٻارڙن کي نشانو بڻايو، اسان علم سان دشمن جي ٻارڙن کي تعليم ڏئي بدلو وٺنداسين: استاد/شاگرد

هنگورجا (ن ع) ايور گرين پبلڪ هاءِ اسڪول هنگورجا ۾ استادن ۽ شاگردن طرفان پشاور 16 ڊسمبر اي پي ايس سانحي جي شهيد معصوم شاگردن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب منعقد ڪئي وئي ۽ اي پي ايس جي شهيد ٻارڙن جي ياد ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. تقريب آيل سمورن شاگردن ڪاري ڊريس پائي شرڪت ڪئي شاگردن ٽيبلوز پيش ڪري ڀيٽا پيش ڪئي وئي شاگردن دشمن کي ٻچون کو پڙهائڻا هي گيت ڳائي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو جڏهن ته استادن شاگردن غلام جعفر ڪانڌوري سيد ثابت علي شاهه، محسن منگنهار ۽ ٻين تقريرون ڪندي چيو آهي ته بزدل دشمن اسڪول تي حملو تعليم پرائيندڙ ٻارڙن کي نشانو بڻايو آهي پر اسان علم هٿيارن سان دشمن جي ٻارڙن کي تعليم ڏئي دشمن کان بدلو وٺنداسين تقريب جي آخر ۾ شهيد ٻارڙن جي روح کي ثواب بخشڻ لاءِ فاتحه پڙهي دعا گهري وئي

هنگورجا ايورگرين پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ اي پي ايس سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي پئي وڃي

ميهڙ تعلقي ۾ امپورٽيڊ سگريٽن جي غير قانوني وڪري خلاف ڪريڪ ڊائون

اسسٽنٽ ڪمشنر فاطمه گهلو جا امپورٽيڊ سگريٽن جا ڊنڊا ڀاڃڪو ڀري ڪٽي ڏني

ڪاروائي دوران ڪيترن ئي دڪاندارن ۽ ڪنفيڪشنري مالڪن ۾ ڀاڄ مچي وئي

راڌڻ (ن ع) راڌڻ، ميهڙ، ٻرڙي، محبت شاهه پنجو ٿئون ڳوٺ ۽ ڀسڪرڏائي ۾ غير قانوني غير معياري ۽ اڻ رجسٽرڊ ڪمپنين جا امپورٽيڊ سگريٽ هلڻ جو انڪشاف ٿيڻ تي عوامي شڪايتن بعد اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو جو راڌڻ ميهڙ جي مختلف ڪنفيڪشنري دڪانن ۽ مانڊلين تي ڇاپا اي سي ميهڙ پاران ڇاپي دوران سوين ڊنڊا سگريٽن جا ضبط ڪري دڪان مالڪن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو اي سي ميهڙ غلام فاطمه گهلو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته عوامي شڪايتن ۽ ڊي سي دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه جي حڪم تحت راڌڻ ميهڙ ۾ ڪاروايون ڪيون ويون آهن جڏهن ته راڌڻ ۾ ڪبير خانزادي ميهڙ ۾ لطيف ڪلهوڙو اعوان ڪنفيڪشنري سودر ڪنفيڪشنري ۽ ٻين دڪانن، مانڊلين تي هلندڙ غير قانوني، غير معياري ۽ اڻ رجسٽرڊ ڪمپنين جا سگريٽ ضبط ڪري ايڪسائيز کاتي جي حوالي ڪيا ويا آهن جڏهن ته دڪان ۽ ڪنفيڪشنري مالڪن کي وارننگ ڏيندي غير قانوني وڪرو ڪندڙن پاران قانون تي عمل نه ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ان سلسلي ۾ راڌڻ ۾ اي سي ميهڙ جي اهڙي ڪاروائي دوران ڪيترن ئي دڪاندارن ۽ ڪنفيڪشنري مالڪن ۾ ڀاڄ مچي وئي ڪيترن ئي دڪاندارن غيرمعياري ۽ غيرقانوني سگريٽ لڪائي ڇڏيا ڪن دڪان ۽ مانڊڙيون پڻ بند ڪري ڇڏيون

راڌڻ اسسٽنٽ ڪمشنر فاطمه گهلو جا امپورٽيڊ سگريٽن خلاف ڪارروائي ڪندي

ڪوهستان ۾ جيڪا محبت پيار ۽ خلوص مليو، شايد وساري نه سگهان: مير احمد منگريو

ٿاڻو بولاخان (ن ع) ڪوهستان سائو سکيو نظر اچي ٿو الله پاڪ ان کي آباد رکي اسان جي سڃاڻپ آهي. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ بار ڪائونسل جي چونڊيل ميمبر ايڊووڪيٽ مير احمد منگريو کي آل پاڪستان باريجا اتحاد جي اڳواڻ سوندر خان باريجو پاران پنهنجي علائقي ريڪ ۾ سندس شان ۾ شاندار آجاڻو ڏيڻ دوران موجود ماڻهن سان مخاطب ٿيندي ڪيو هن ان موقعي تي وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ ئي حصه ٿو ڪاچو ۽ ڪوهستان پنهنجي سڃاڻپ ۽ اهميت رکن ٿا. اڄ ڪوهستان ۾ اچي ساوڪ ساز گڏو گڏ ان جي حسن جو واس آيو آهي اسان سمجهون ٿا ته اسان جي ماروئڙن جا هي ڳوٺ ۽ پوٺا شل آباد هجن اڄ هتي مون کي ڪوهستان ۾ جيڪا محبت، پيار، پهچاڻپ، خلوص مليو آهي شايد مان وساري نه سگهان. جڏهن ته ان موقعي آجياڻي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ خدا بخش ٿيبو، ايڊووڪيٽ عرفان راهوجو، آچر جلباڻي، آفتاب جمالي، نعيم رند، الهه رکيو راهوجو، صادق بليدي، اسد راڄڙ، فيصل لاکير، قادر خاصخيلي، علاءالدين شهلو، ولهار ڇڇر، رفيق ڪلهوڙو، هشام عمراڻي، توڪل باريجو، شير محمد باريجو سميت علائقي واسين پڻ شرڪت ڪئي

ٿاڻو بولاخان مير احمد منگريو ۽ ٻيا خطاب ڪندي

ڪوڏيجي پرسان مسافر ڪوچ موٽر سائيڪل مٿان چڙهي وئي، ٻه ڄڻا موقعي تي فوت، هڪ زخمي

مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي ڪوهيڙي سبب مسافر ڪوچ موٽر سائيڪل مٿان چڙهي وئي، مختيار لاشاري ۽ اختيار لاشاري فوت ٿي ويا

فوتي ۽ زخمي فيض گنج مان موٽر سائيڪل تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ خيرپور اچي رهيا هئا ته بس هيٺان اچي فوت ٿي ويا

خيرپور سميت سنڌ جا علائقا گذريل ٻن هفتن کان سخت ڪوهيڙي جي لپيٽ ۾، جنهن سبب ڪيترائي حادثا پيش اچي چڪا

خيرپور (د ر) خيرپور ۾ ڪوڏيجي پرسان سخت ڪوهيڙي سبب مسافر ڪوچ موٽر سائيڪل مٿان چڙهي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ٻه ڄڻا موقعي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو فوت ٿيلن جا لاش ۽ زخمي کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو. تفصيل موجب خيرپور ۾ ڪوٽ ڏيجي پرسان مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي ڪوهيڙي سبب مسافر ڪوچ موٽر سائيڪل مٿان چڙهي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار مختيار لاشاري ۽ اختيار لاشاري موقعي تي فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو حادثي جي شڪار ۽ زخمي فيض گنج مان موٽر سائيڪل تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ خيرپور اچي رهيا هئا ته بس هيٺان ڪچلجي فوت ٿي ويا ۽ هڪ زخمي ٿي پيو زخمي شخص جي حالت اسپتال ۾ نازڪ ٻڌائي پئي وڃي جڏهن ته فوت ٿيل جا لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا ويا، جڏهن ته زخمي جو علاج جاري هو. واضح رهي ته خيرپور سميت سنڌ جا علائقا گذريل ٻن هفتن کان سخت ڪوهيڙي جي لپيٽ ۾ آهن جنهن سبب سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪيترائي حادثا پيش اچي چڪا آهن

ڪمشنر سکر پاران خيرپور ۾ شاهه حسين باءِ پاس پوليو پوائنٽ جو دورو

ڪمشنر مهم جي سلسلي ۾ موجود ماڻهن کان معلومات حاصل ڪئي

سنڌ مان پوليو جي خاتمي لاءِ ذميواريون سٺي ريت ادا ڪنداسين: عابد سليم قريشي

خيرپور (د ر) پوليو جي خاتمي واري مهم جي سلسلي ۾ ڪمشنر سکر پاران شاهه حسين باءِ پاس واري پوائنٽ جو دورو ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر سان گڏجي شاهه حسين باءِ پاس وٽ پوليو مهم واري پوائنٽ جو دورو ڪيو ڪمشنر سکر مهم جي سلسلي ۾ موجود ماڻهن سان ملاقات ڪري معلومات حاصل ڪئي ۽ پوليو ٽيمن سان پوليو جا ڦڙا پيارڻ بابت معلومات حاصل ڪندي ٽيلي شيٽ انگ اکر ۽ ٻين معاملن جو تفصيل سان جائزو ورتو ڪمشنر سکر پوليو ٽيمن کي هدايت ڪندي چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ ورڪرز جو اهم ڪردار آهي ۽ اسان سڀني جا ڪوشش هوندي ته سنڌ مان پوليو جي خاتمي لاءِ ڪردار ادا ڪندي پنهنجي ذميواريون سٺي ريت ادا ڪندي مهم کي ڪامياب بڻايون ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ٻڌايو ته مهم جي سلسلي ۾ سمورن لاڳاپيل آفيسرن توڙي ٽيمن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ هدف مطابق پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ هو پاڻ فيلڊ ۾ دورا ڪري رهيو آهي خيرپور ضلعي ۾ مهم کي هر صورت ۾ ڪامياب بڻايو ويندو. اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر پڻ پوليو مهم بابت ڪمشنر سکر کي تفصيل سان بريفنگ ڏني

خيرپور قومي شاهراهه جهوپڙا هوٽل سامهون ڪار جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، ٻه ڄڻا زخمي

خيرپور (د ر) خيرپور قومي شاهراهه جهوپڙا هوٽل سامهون ڪار جو موٽر سائيڪل سوارن کي ٽڪر نتيجي سيال پل پرسان ڳوٺ ٻهرام مري واسي ٻه ڄڻا مختيار علي مري ۽ علي گل مري سخت زخمي ٿي پيا آهن ، اطلاع تي هدايت جماڻي ويلفيئر ٽرسٽ جي ايمبولينس پهچي زخمين کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي ۽ زخمين جو علاج هلندڙ آهي ٻئي پاسي ڪار ڊرائيور ڪار سميت فرار ٿي وڃڻ ڪامياب ٿي ويو آهي

خيرپور مان 2 ڏينهن اڳ گم ٿيل ناري جي وارثن پاران اغوا جو شڪ، اين سي داخل

خيرپور (د ر) خيرپور جي شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ممتاز ڪالوني مان 2 ڏينهن اڳ پُراسرار نموني گم ٿيل نوجوان ناري سعديا جي وارثن پاران اغوا جو شڪ، اين سي داخل خيرپور جي ممتاز ڪالوني مان 2 ڏينهن اڳ 14 ورهين جي نوجوان ناري سعديا جو پتو نه پئجي سگهيو آهي گم ٿيل ناري سعديا جي امڙ نسرين ٻيبي صحافين آڏو دانهيندي ناري جي اغوا جو شڪ ظاهر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته واقعي جي اين سي شاهه لطيف ٿاڻي تي پڻ داخل ڪرائي ورتي آهي اسان کي شڪ آهي ته اسان جي ناري سعديا کي جوابدارن زبردستي اغوا ڪيو آهي ڪجهه وقت اڳ به هن اسان کي اغوا جي ڌمڪي ڏني هئي هن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ناري کي بازياب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ۽ ڦهليل ٻيچيني ختم ڪرائي وڃي

سنڌ ۾ انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي: شاهده پيلار

ادارن جي خاموشي سبب عوام مايوسي جو شڪار ٿي رهيو آهي

سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ عورتن کي حراسان ڪيو پيو وڃي

سوڀوديرو (ن ع) سرگرم سماجي اڳواڻ ميڊم شاهده پيلار جو راڻي پور ۾ ڪاروباري شخصيت بشير احمد راجپوت جي رهائش گاهه تي سينئر صحافي ۽ جهوني سماجي شخصيت فقير محمد عباسي سان ملاقات دوران ڳالهائيندي چوڻ هيو ته سنڌ ۾ سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ عورتن جي رستا روڪ ڪري حراسان ڪيو پيو وڃي عورتن هر شعبي ۾ ثابت قدم رهي پاڻ مڃرايو آهي عملي ميدان ۾ صرف سماجي شخصيتون ڪم ڪندي نظر اچن ٿيون ان موقعي تي سندس وڌيڪ چوڻ هيو ته سنڌ ۾ انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي لاڳاپيل ادارن جي خاموشي سبب عوام سخت مايوسي جو شڪار ٿي رهيو آهي ان موقعي تي سنڌن گڏيل طور تي ٽئي ٿيو ته سماجي براين ناانصافين ۽ عوام کي درپيش مسئلن جي نشاندهي ڪري حل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون حڪومتي ادارن کي پڻ گهرجي ته سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ عورتن کي هر قسم جو تحفظ ڏيڻ سان گڏ نشاندهي ٿيل مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ان موقعي تي سينئر صحافي غلام جعفر راڄپر، ارسلان بشير ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

پ پ ڪلچرل ونگ کي آرگنائيز ڪرڻ لاءِ ضلعي سانگهڙ ۾ اجلاس

شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو ڪيو ويو

شهيد راڻي بينظير ڀٽو جون جمهوريت جي بحالي لاءِ لازوال قربانيون آهن: ستار خاصخيلي

سنجهورو (ت ر) شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ عوام جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ ۽ ضلعي سانگهڙ ۾ پ پ پ ڪلچرل ونگ کي آرگنائيز ڪرڻ لاءِ پ پ پ ڪلچرل ضلعي سانگهڙ جو اهم اجلاس پيپلز خاصخيلي هائوس جهول ۾ پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر عبدالستار خاصخيلي جي صدارت ۾ گڏريو. اجلاس ۾ غلام محمد سانڊ پائي خان لغاري نور عادل پنهور اعجاز جوڻيجو محمد خان لغاري عبدالستار بگهيو حاجي قربان لغاري شاهنواز خاصخيلي امير حسين غلام رسول مير حسين خاصخيلي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ ضلعي سانگهڙ ۾ پ پ پ ڪلچرل ونگ کي آرگنائيز ڪرڻ لاءِ 2جنوري کان تعلقي سٽي سطح تائين گڏجاڻيون ڪرايون وينديون شاعرن اديبن فنڪارن صحافين سان رابطو ڪري کين پ پ پ ڪلچرل ۾ شامل ڪرڻ رابطه مهم هلائي ويندي اجلاس کي خطاب ڪندي پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر عبدالستار خاصخيلي غلام محمد سانڊ پائي خان لغاري نور عادل پنهور چيو شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي جمهوريت جي بحالي لاءِ لازوال قربانيون آهن جيڪا عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي شهيد ٿي هميشه لاءِ امر ٿي وئي ضلعي سانگهڙ جي عوام شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ ڀرپور شرڪت ڪندي

سنجهورو پ پ ڪلچرل ونگ کي آرگنائيز ڪرڻ لاءِ ضلعي سانگهڙ ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

ٽنڊوالهيار ۾ ميرپورخاص جي چلو ڳوٺ جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

بااثر قبضي مافيا ۽ راشي روينيو عملدارن خلاف قدم نه کنيو ويو آهي: اعجاز خاصخيلي

سنڌ سرڪار غريبن جي حقن ۽ انصاف جي دعوي نه ڪري ٿي پر عملي طور تي ناڪام آهي

ٽنڊوالهيار (د ر) ميرپورخاص ضلع جي چلو ڳوٺ جا رهواسين غريب پورهيتن اعجاز خاصخيلي، محمد علي خاصخيلي ٽنڊوالهيار پهچي احتجاج ڪندي دانهيندي چيو ته اسان جي ڏاڏي هاشم خاصخيلي ۽ ٻين وارثن احمد ۽ الله بچايو جي 121 ايڪڙ زمين ۾ مبينه جعلسازي واري معاملي تي وڏي وزير طرفان جوڙيل انڪوائري ڪميٽي به ايڪشن نه ورتو متاثر پورهيتن مايوسي جو شڪار ٿي احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته چيو ته اسان پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمين ۾ جعلسازي ۽ ڪوڙن ڪاتن جي خاتمي لاءِ ميرپورخاص پريس ڪلب ۽ ٽنڊوالهيار ۾ بار بار احتجاج ڪيو آهي پر بااثر قبضي مافيا ۽ ميرپورخاص ضلع جي تعلقه حسين بخش مري جي تپو پير عظيم شاهه جي راشي روينيو عملدارن خلاف ڪو به قدم نه کنيو ويو آهي احتجاج ڪندڙ متاثر پورهيتن چيو ته افسوس هن ڳالهه جو آهي ته سنڌ سرڪار غريبن جي حقن ۽ انصاف جي دعوي نه ڪري ٿي پر عملي طور تي ناڪام آهي اسان اهڙي ظلم ۽ حق تلفي جو تدارڪ نه ٿيڻ تي وزيراعظم پاڪستان، چيف ڊفينس آفيسر چيف جسٽس آف پاڪستان چيف جسٽس هائي ڪورٽ، چيئرمين نيب ، چيئرمين اينٽي ڪرپشن ۽ پاڪستان بار ڪائونسل سميت انساني حقن جي تنظيمن سميت ۽ ٻين ايماندار حڪمرانن ۽ عملدارن کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي

لطيف يونيورسٽي آفيسرس ويلفيئر پاران 17هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو

مطالبن جي مڃتا لاءِ يونيورسٽي جي ايڊمن بلاڪ آڏو احتجاجي مظاهرو جاري رهيو

خيرپور (د ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ 17هين ڏينهن به يونيورسٽي جي ايڊمن بلاڪ آڏو احتجاجي مظاهرو جاري رکيو مظاهري دوران آفيسر ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اڳواڻن يونيورسٽي انتظاميه ۽ رجسٽرار خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي ايسوسيئيشن جو صدر منير شاهه راشدي، اسلم رضا منگي، طاهر عباس خاصخيلي، قربان ڀٽو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته يونيورسٽي ۾ قانون ۽ ضابطن جي پيڇڪڙي ڪندي رجسٽرار کي او پي ايس تي مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو سراسر غير قانوني عمل آهي هنن الزام هنيو ته يونيورسٽي ۾ 15 کان 20 اهم انتظامي پوسٽن تي استادن کي مقرر ڪيو ويو آهي جنهن سبب هڪ طرف آفيسرن ساڻ ناانصافي ٿي رهي آهي ته ٻئي طرف يونيورسٽي جو تدريسي نظام به سخت متاثر ٿي رهيو آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته استاد شاگردن کي پڙهائڻ بدران انتظامي عهدن تي ويٺل آهن جنهن سان تعليمي معيار گهٽجي رهيو آهي ۽ شاگردن جو مستقبل خطري ۾ پئجي ويو آهي.

سينيئر انجنيئر گيان چند، تعليمدا تيجارام هميراڻي جي ديهانت تي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي

مٺي (د ر) پ پ پ جي سينيئر اڳواڻ سينيئر انجنيئر گيان چند ٿاراڻي مٺي ۾ تعليمدا تيجارام هميراڻي جي ديهانت تي سندس وارثن سان تڏي تي وڃي تعزيت ڪئي. ان کان سواءِ هن مختلف ڳوٺن لکميار ۾ سرڳواسي جڳتومل ٽيڀدار جي وارثن، ڳوٺ ڪوه راهمان ۾ نوجوان مڪيش ڪمار مينگهواڙ ۽ پٽيل قادر بخش راهموں جي وارثن سان تعزيت ڪئي. ڳوٺ بنڊالس ۾ يو سي ٻهارڙي جي چيئرمين ايوب ميانڻو جي پيءُ جي وفات تي، ڳوٺ گانگاڻ ۾ ٿائون مل جي امڙ جي وفات تي تڏن تعزيتون ڪيون ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي نانڪرام مينگهواڙ، لڇمڻ جوڳي، پرڪاش ولاسائي، پيرومل ۽ ٻيا به گڏ هئا

قاضي احمد لڳ 26 سالن جي نوجوان مبينه خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ بشام خان رند جي رهواسي سلام الدين پکي ۾ پوتڙو ٻڌي خودڪشي ڪئي

پٽ جو ذهني توازن درست نه هو جنهن سبب هن ڦاهو کائي خودڪشي ڪئي آهي: والد

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد لڳ جمال شاهه پرسان ڳوٺ بشام خان رند جي رهواسي 26 سالن جي نوجوان سلام الدين گهر جي ڪمري اندر پکي ۾ پوتڙو ٻڌي پاڻ کي ڦاهو ڏئي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي، جڏهن ته رابطو ڪرڻ تي فوتي نوجوان جي والد امام الدين رند ٻڌايو ته منهنجي پٽ جو ذهني توازن درست نه هو جنهن سبب هن ڦاهو کائي خودڪشي ڪئي آهي

قاضي احمد خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش پيل آهي

بينظير ڊسٽرڪٽ اسڪول سڪرنڊ ۾ آرٽ جا نمائشي اسٽال لڳايا ويا

تخليقي ۽ سائنسي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪندي سائنسي تجربا ڪيا ويا

شاگردن ۾ تخليقي صلاحيتون پيدا ڪرڻ لاءِ نمائش جو اهتمام ڪيو آهي: شفقت آراءِ

سڪرنڊ (س ر) بينظير ڊسٽرڪٽ اسڪول سڪرنڊ ۾ اسٽيم تحت آرٽ جا نمائشي اسٽال لڳايا ويا جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران ماڊلز آرٽ ۽ سائنسي تجربن جي نمائش ڪئي وئي جن پنهنجي تخليقي ۽ سائنسي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪندي آرٽ گيلري ۾ مختلف ماڊلز ۽ سائنسي تجربا پيش ڪيا ويا ان دوران ڊائريڪٽر نوابشاهه رياض احمد اڄڻ ، ڊي او نوابشاهه سليم پٽي ، ٽي او نوابشاهه مس فرزانه ميمڻ ، ٽي او مس فرحين ڏاهري ، ٽي او سڪرنڊ مس شبانا سمون ، ٽي او نور احمد جمالي ، چيئرمين سيد عذير اختر شاهه ، سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ، پروفيسر گل حسن مگسي ، استاد ارشد آرائين سميت ٻين معزز مهمانن آرٽ گيلري جو دورو ڪيو جتي هنن شاگردياڻين جي محنت ۽ ڪم کي ساراهيو ان موقعي تي بي ڊي ايس جي پرنسپال ميڊم شفقت آراءِ آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪرڻ بعد ڳالهائيندي چيو ته جديد دور جي حساب سان شاگردن ۾ تخليقي صلاحيتون پيدا ڪرڻ لاءِ نمائش جو اهتمام ڪيو آهي اسين ڪافي عرصي کان اهڙا تعليمي پروگرام ڪرائيندا اچون ۽ هر سال شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڀرپور نموني حصو وٺنديون آهن هن ڀيري به اسٽيم پروجيڪٽس ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاري ائين ان کان اڳ بي ڊي ايس جي پرسپال ميڊم شفقت آراءِ ۽ ڪوآرڊينيٽر مس ڪنول جلال چانڊيو آيل مهمانن کي گلدستا پيش ڪري سنڌن آجيان ڪئي ۽ کين اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا ان موقعي تي حافظ قادر بخش پٽي ، غلام نبي ملاح ۽ بشير لاشاري پڻ موجود هئا

سڪرنڊ بينظير ڊسٽرڪٽ اسڪول سڪرنڊ ۾ آرٽ جا نمائشي اسٽال جو ڏيک

خيرپور ۾ نجي ٽي وي ڪيمرامين جي زمين ۾ پوکيل ڪڻڪ تي چڪر پاڻي ڏئي تباهه

خيرپور (د ر) خيرپور ۾ نجي ٽي وي جي ڪيمرامين عبدالقدوس ڦلپوٽو جي ذاتي زمين ۾ پوکيل ڪڻڪ کي گذريل رات پنج شريسندن پاران پاڻي جا ٽي چڪر ڏئي دانسته طور تباهه ڪيو ويو جنهن سبب لکين رپين جو نقصان پهتو آهي متاثر ڪيمرامين موجب هن واقعي بابت ايس ايس پي آفيس ۾ درخواست ڏني وئي آهي، پر اڃا تائين لاڳاپيل ٿاڻي جو ايس ايڇ او واقعي جو نوٽيس وٺڻ يا جاءِ تي پهچڻ لاءِ ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي. متاثر صحافي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

زراعت کاتي مانجهند تعلقي طرفان هاري ڪارڊ جي زمين سروي ڪئي وئي

مانجهند (ن ع) مانجهند تعلقي جي زراعت کاتي طرفان حڪومت طرفان ملندڙ هاري ڪارڊ جي زمين سروي فيلڊ اسسٽنٽ حاڪم علي ڪوسو جي نگراني ۾ ڪئي وئي جنهن ۾ ديه تنگهياڻي ديه ڪوريجاڻي ديه مانجهند جي آبادگارن جي پوکيل ڪڻڪ جي جانچ ڪري کين وڌيڪ رقم ڏيڻ جي نشاندهي ڪئي وئي فيلڊ اسسٽنٽ حاڪم علي ڪوسو ٻڌايو ته آبادگارن کي جلد ڪڻڪ سروي ڪرائڻ گهرجي جيئن حڪومت کين وڌيڪ مالي امداد ڏئي سگهي

شر برادري جو هر فرد پنهنجي ٻارن کي تعليم جي زيور سان سينگاري: رئيس ذوالفقار علي

برادري ۽ دوستن جيڪا محبت ڏني، آئون ساڻ نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس

برادري پنهنجي ٻاڙي وارن سان محبت ڀائيچاري سان ملي، فسادن کان پاسو ڪن

ڄام نواز علي (ن ع) مرحوم حاجي ڪريم بخش شر جو وڏو پٽ شر برادري جو سردار رئيس ذوالفقار علي شر ٽئون آباد پرسان شر برادري جي معزز شخصيت حاجي ... ۽ دوستن لاءِ اسان جا دروازا هر وقت کليل آهن جتي حڪم ڪندئو آئون پهچي ويندس جڏهن ته رئيس شاهنواز شر ۽ ڊاڪٽر قربان شر جي دعوت ۾ سردار ذوالفقار علي ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 18 ڊسمبر 2025ع

ڌرتيءَ جي انتقام کان بچو!

هيءَ ڌرتي رڳو مٽيءَ جو ٽڪرو ناهي، پر اها تاريخ، تهذيب، احساس ۽ صبر جو اهڙو وڏو حوالو آهي، جيڪو هر دور جي حڪمرانن کي سندن انجام ياد ڏياريندو رهيو آهي. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته جن به طاقت، ظلم ۽ جبر جي بنياد تي پنهنجي حڪمرانيءَ کي دائمي سمجهيو، سي وقت جي وهڪري ۾ ميسارجي ويا. وڏيون فوجون، بلند محل، انساني کوپڙين جا مينار ۽ فتحن جا ڊگها داستان اڏيندڙن جو سڀ ڪجهه مٽيءَ ۾ ملي ويو باقي رهي فقط ڌرتي جيڪا صبر سان سڀ ڪجهه ڏسندي رهي ۽ آخرڪار پنهنجو انتقام ورتو. فطرت جو اصول انتهائي سادو پر گهرو آهي. جيڪو ڌرتيءَ سان، ماڻهن سان ۽ وسيلن سان ظلم ڪندو، اهو ڪڏهن نه ڪڏهن پنهنجي ئي عملن جو شڪار ٿيندو. تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جتي فاتح پاڻ کي ناقابلِ شڪست سمجهندا رهيا، پر وقت ڪين اهڙي جاءِ تي آڻي بيهاريو جتي سندن نالو وٺڻ وارو به ڪونه رهيو. اها حقيقت حڪمرانن لاءِ رڳو تاريخي سبق نه پر موجوده دور جو واضح پيغام پڻ آهي.

سنڌ جي ڌرتيءَ جو سفر به اهڙن ئي دردناڪ تجربن سان ڀريل آهي. هن ڌرتيءَ تي ارغون آيا، ترخان، مغل آيا ۽ پوءِ انگريز. هر دور ۾ طاقتور حڪمرانن پنهنجي حڪمراني مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌ جي وسيلن کي لٽيو علمي ۽ ادبي ورثي کي ساڙيو ماڻهن کي محڪوم بڻايو ۽ پنهنجي اقتدار کي دائمي سمجهيو. پر اڄ تاريخ جو پنڌ ورائي ڏسجي ته انهن مان گهڻن جا مقبرا ويران آهن. سندن نالا ڪتابن جي ڪن صفحن تائين محدود آهن ۽ سندن يادگارن تي دعا گهرڻ وارو به ڪو نٿو ڏسجي. ان جي ابتڙ جن ماڻهن هن ڌرتيءَ سان وفاداري نڀائي، جيڪي عوام سان گڏ بيٺا، سي اڄ به ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهن ڀلي سندن يادگار ڪنهن ڪنڌيءَ هيٺان يا واريءَ جي دڙي تي چونه هجي. اهو سڀ ڪجهه ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته حڪمراني رڳو طاقت سان نٿي هلي پر انصاف، ايمانداري ۽ ڌرتيءَ سان وفاداريءَ سان هلي ٿي. موجوده دور ۾ جڏهن ترقي، منصوبن ۽ پاليسين جي نالي ۾ سنڌ جي زمين کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ، وسيلن تي قبضا ڪرڻ ۽ ماڻهن کي فيصلا سازيءَ کان پري رکڻ جا عمل وڌي رهيا آهن. تڏهن ڌرتيءَ جي انتقام جو تصور وڌيڪ اهم ٿي وڃي ٿو ڌرتي شايد فوري ردعمل نه ڏيکاري پر وقت جي عدالت ۾ اهڙن عملن جو حساب ضرور ٿيندو آهي. سنڌ جا ماڻهو شايد سياسي طور ڪمزور هجن، شايد سندن آواز دٻايو وڃي شايد سندن شعور کي نظرانداز ڪيو وڃي، پر فطرت هميشه مظلومن جو ساٿ ڏيندي آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن به ڪنهن قوم کي مسلسل دٻايو وڃي ٿو ته اها قوم ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اٿي پوي ٿي. ڪڏهن اهو اٿڻ تحريڪن جي صورت ۾ ٿيو ڪڏهن ثقافتي مزاحمت بڻجي سامهون آيو ته ڪڏهن خاموش نفرت جي صورت ۾. جيڪا آخرڪار حڪمرانن لاءِ وڏو خطرو بڻجي وئي موجوده حڪمرانن لاءِ ضروري آهي ته هو طاقت جي نشي مان ٻاهر نڪري حقيقتن کي سمجهن. سنڌ جي زمين کي رڳو معاشي وسيلو سمجهڻ، هتان جي ماڻهن کي رڳو انگن اکرن ۾ ڳڻڻ ۽ سندن تاريخي، ثقافتي ۽ جذباتي لاڳاپن کي نظرانداز ڪرڻ انتهائي خطرناڪ سوچ آهي. اهڙي سوچ نه رڳو موجوده دور ۾ بيچيني پيدا ڪري ٿي پر ايندڙ نسلن لاءِ به سڃاڻپ جو بحران جڙي وڃي ٿي. اهو به ممڪن آهي ته اڄ جا فيصلا سڀاڻي حڪمرانن جي پنهنجي نسلن لاءِ شرمندگيءَ جو سبب بڻجن. ڌرتيءَ جو انتقام ڪا رومانوي تشبيهه نه، پر هڪ فطري قانون آهي جڏهن زمين توڙي اُتي رهندڙ ماڻهن سان زيادتي ٿئي ٿي، وسيلن کي بي دردي سان لٽيو وڃي ٿو ۽ ماڻهن کي سندن حقن کان محروم ڪيو وڃي ٿو ته نتيجا رڳو سياسي ناهن هوندا، پر سماجي، معاشي ۽ اخلاقي به ٿيندا آهن اهڙي انتقام کان بچڻ جو واحد رستو اهو آهي ته حڪمران سنڌ جي ماڻهن سان سچي نيت سان نباهه ڪن، ڪين فيصلن ۾ شريڪ ڪن، سندن وسيلن تي انهن جو حق تسليم ڪن ۽ هن ڌرتيءَ کي ماءُ وانگر عزت ڏين آخر ۾ اهو چئبو ته تاريخ ڪنهن کي به معاف نٿي ڪري. طاقت عارضي هوندي آهي پر ڌرتي ۽ ماڻهن جي يادگيري دائمي هوندي آهي. جيڪڏهن موجوده حڪمران واقعي پنهنجو نالو تاريخ ۾ عزت سان ڏسڻ چاهين ٿا ته ڪين ظلم، جبر ۽ استحصال بدران انصاف، احترام ۽ شراڪت جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو نه ته ڌرتيءَ جو انتقام رڳو هڪ ڏينهن جو نعرو نه پر هڪ اٽل انجام بڻجي سامهون ايندو.

'اشڪ آباد ڪانفرنس ۽ سفارتي وقار'

ڊاڪٽر فرقان حميد

عالمي سياست جي هنگامي ۽ تيز رفتار منظرنامي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه اهڙو ٿيندو آهي جو ڪنهن مختصر ويڊيو، اڌوري خبر يا سياق و سباق کان ڪٽيل تصوير کي پوري واقعي تي حاوي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پر تاريخ جو سبق اهو ئي آهي ته عارضي شور شرابو سچ کي دٻائي نٿو سگهي. ترڪمانستان جي گاديءَ واري شهر اشڪ آباد ۾ ٿيل امن ۽ اعتماد بابت عالمي ڪانفرنس جي موقعي تي پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف جون سفارتي سرگرميون ۽ عالمي اڳواڻن سان سندس رابطا جنهن نموني ڪجهه حلقن پاران تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، اها دراصل پاڪستان جي وڌندڙ سفارتي اثر ۽ عالمي سطح تي سرگرم ڪردار جو اڻ سڌو اعتراف هو.

اشڪ آباد ڪانفرنس ڪا معمولي يا رڳو رسمي گڏجاڻي نه هئي پر عالمي نظام ۾ اعتماد جي بحالي، علائقائي سلامتي، تڪرارن جي پرامن حل ۽ گهڻ رخي تعاون لاءِ هڪ اهم پليٽ فارم هئي. اهڙن فورمن ۾ شرڪت ڪنهن به ملڪ لاءِ رڳو ڏيکاءُ نه هوندي آهي پر ان ملڪ جي سفارتي قد، عالمي شموليت ۽ اعتماد جي علامت سمجهي ويندي آهي. پاڪستان طرفان وزيراعظم شهباز شريف جي شرڪت اهو صاف ظاهر ڪيو ته اسلام آباد پاڻ کي عالمي بحثن کان الڳ نٿو رکي، پر ذميوارانه شراڪتداريءَ تي يقين رکي ٿو.

ڪانفرنس دوران وزيراعظم جون ترڪيه، ترڪمانستان ۽ ايران جي صدرن سان به طرفيون ملاقاتون علائقائي تعاون، توانائي، واپار ۽ سلامتيءَ جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ جو ذريعو بڻيون. جڏهن ته روس، تاجڪستان ۽ ڪرغزستان جي سربراهن سان غير رسمي رابطن سفارتي هم آهنگيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. اهي سڀئي ملاقاتون ان ڳالهه جو ثبوت هيون ته پاڪستان عالمي سياست ۾ هڪ سرگرم ۽ اثرائتي ڌر آهي.

ان ڪانفرنس جي موقعي تي سوشل ميڊيا تي ان وقت بدتميزيءَ جو طوفان ڏسڻ ۾ آيو جڏهن آر ٽي انڊيا 14 سيڪنڊن جي هڪ وڊيو پوسٽ ڪري دعويٰ ڪئي ته شهباز شريف روسي صدر ولاديمير پيوٽن جو 40 منٽ انتظار ڪندو رهيو. سوال اهو آهي ته ڇا عالمي سفارتڪاريءَ کي 14 سيڪنڊن جي ڪلپ ۾ قيد ڪري سگهجي ٿو؟ ڇا عالمي اجلاسن ۾ شيڊيول جي تبديلي، مرحليوار شموليت يا هڪ ٻئي سان ملاقات ڪا غير معمولي ڳالهه آهي؟ حقيقت اها آهي ته اهڙن فورمن تي اهي سڀ شيون روزمره جو حصو هونديون آهن.

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته جڏهن اها دعويٰ سامهون آئي هئي ته آر ٽي انڊيا کي پاڻ پنهنجي پوسٽ ڊليٽ ڪرڻي پئي. اهو عمل پاڻ ۾ ئي ان بيانيي جي ڪمزوريءَ جو اعتراف هو جيڪڏهن واقعي ڪا سفارتي بي توقيري ٿي هجي ها ته نه رڳو روسي يا ترڪي جي ميڊيا ان کي نمايان ڪري ها پر ڪين وضاحت ڏيڻي پوي ها. ان جي ابتڙ روسي نشرياتي ادارن ان ملاقات کي معمولي سفارتي سرگرمي طور رپورٽ ڪيو هئي پارٽي ميڊيا جي جلدي ۽ تعصب پڌرو ٿي ويو.

وڏي اهم ڳالهه اها آهي ته روسي ميڊيا ان ملاقات کي علائقائي سلامتي، ٿلهيءَ جي ڪردار ۽ عالمي تعاون جهڙن سنجيده موضوعن سان جوڙيو نه ڪي ڪنهن توهين آميز يا تڪراري پهلوءَ سان. اهو فرق پاڻ ثابت ڪري ٿو ته پروپيگنڊا ڪٿان آئي ۽ حقيقت ڪٿي هئي؟

اهو واقعو دراصل پارٽي ميڊيا پاران بي بنياد ۽ ڪوڙين خبرن کي گهڙڻ جي عادت ڏانهن اشارو ڪري ٿو. پاڪ-ڀارت تڪرار کانپوءِ دنيا ۾ ڀارت جي اڪيلائيءَ جو بخار اڃا تائين پارٽي ميڊيا جي ذهن مان لهي نه سگهيو آهي ۽ اها ئي بيچيني منفي خبرن، اڌورن وڊيو ڪلپن ۽ گمراهه ڪندڙ بيانين کي جنم ڏئي رهي آهي. پر حقيقت اها آهي ته عالمي سياست جذبات تي نه پر مفادن ۽ حقيقتن تي هلي ٿي.

اشڪ آباد ڪانفرنس جو هڪ ٻيو نمايان پهلو ترڪيه، روس ۽ پاڪستان وچ ۾ وڌندڙ هم آهنگي هئي. صدر رجب طيب اردگان، صدر ولاديمير پيوٽن ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي هڪ ئي وقت موجودگي اهو پيغام ڏنو ته اهي ملڪ علائقائي استحڪام ۽ ڳالهين جا حامي آهن. هن ٽڪنڊي ۾ پاڪستان جي شموليت ان جي ترويرائي وزن کي ظاهر ڪري ٿي. اهي رڳو رسمي لاڳاپا نه آهن پر توانائي، دفاع، واپار ۽ سفارتڪاريءَ ۾ عملي تعاون جو بنياد آهن.

سفارتڪاريءَ ۾ وقار رڳو پروٽوڪول سان نٿو ٺهي پر اعتماد سان ٺهي ٿو اشڪ آباد ۾ پاڪستان جي نمائندگي اهو ثابت ڪيو ته اسلام آباد کي سنجيدگيءَ سان ٻڌو وڃي ٿو ڪا هڪ وڊيو يا دعويٰ ان وقار کي گهٽائي نٿي سگهي، جيڪو سالن جي سفارتي محنت سان قائم ٿيو آهي.

آخرڪار هن سموري واقعي جو نتيجو اهو ئي نڪتو ته سڀڪي پاڪستان جي نه پر ان پروپيگنڊا جي ٿي، جيڪو حقيقت جي سامهون بيهڻ ۾ ناڪام رهيو. اشڪ آباد ڪانفرنس ثابت ڪري ڇڏيو ته پاڪستان عالمي سياست ۾ هڪ ذميوار، متحرڪ ۽ قابل اعتماد ڌر آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت هيٺ پاڪستان جو سفارتي قد وڌيڪ بلند ٿيو آهي. عالمي اڳواڻن سان سندس رابطا، لڳاتار ملاقاتون ۽ سرگرم شرڪت ان ڳالهه جو اظهار آهي ته پاڪستان کي نظرانداز ڪرڻ ممڪن ناهي.

آمريڪا جي فضائن مان

آمريڪي تاريخ جي سڀ کان وڌيڪ بيچين دور جي اندروني ڪهاڻي!

راجا زاهد اختر خانزادو

سوزي وائلز آمريڪي سياست جي اُن گهٽ ڳالهائيندڙ پر انتهائي طاقتور شخصيتن مان شمار ٿئي ٿي، جيڪي منظر تي گهٽ ۽ منظر جي پٺيان وڌيڪ نظر اچن ٿيون. ڊونلڊ ٽرمپ جي صدارتي مهم جي معمار ۽ وائيٽ هائوس جي تاريخ ۾ پهرين عورت چيف آف اسٽاف جي حيثيت سان، اڄ هوءَ رڳو هڪ عهدو نه پر پوري نظام جي علامت بڻجي چڪي آهي. اهڙي وقت ۾، جڏهن ٽرمپ جي پهرين دور ۾ چيف آف اسٽاف جو عهدو لڳاتار غير مستحڪم ۽ تبديليءَ جو شڪار رهيو، سوزي وائلز کي ٽرمپ لاءِ نظم، تسلسل ۽ ڪنٽرول جي آخري اميد طور ڏٺو پيو وڃي.

پر تازن ڏينهن ۾ هوءَ پاڻ خبرن جو مرڪز بڻجي وئي، جڏهن هڪ تفصيلي انٽرويو ۾ هن غير معمولي کليل نموني وائيٽ هائوس جي اندروني اختلافن، پاليسين تي چڪتاڻ ۽ صدر ٽرمپ جي فيصلن جي پس منظر بابت ڳالهايو. هن ٽئرف، اميگريشن، اجتماعي معافين ۽ طاقت جي استعمال جهڙن معاملن تي اختلافن جو اعتراف ڪيو. نائب صدر جي ڊي وينس ۽ ايلان مسڪ جي ڪردار تي پنهنجي راءِ ڏني ۽ اهڙي طرح پهريون ڀيرو اُن خاموش اقتدار جي پردي کي هٽايو جيڪو ٽرمپ جي ٻئي دور جي اصل سمت طئي ڪري رهيو آهي.

هيءَ اها عورت آهي، جيڪي پاڻ ڪڏهن به سرخي ٺهڻ نٿي چاهي، پر دنيا کهڙي سرخيءَ سان صبح ڪندي، اهو هوءَ طئي ڪري ٿي. سوزي وائلز وائيٽ هائوس جي چيف آف اسٽاف، سياست جي اُن ڪردار مان آهي جيڪا روشنيءَ ۾ بيهڻ بدران روشنيءَ جو رخ بدلائي ٿي. اُنهٺ سالن جي عمر، نپيل لهجو ۽ ظاهر ۾ خاموشي، پر اندر طاقت جي مڪمل سمجهه. واشنگٽن جهڙي شور واري شهر ۾، جتي آواز کي ئي اثر سمجهيو ويندو آهي، سوزي وائلز هميشه اهو يقين رکيو آهي ته حقيقي طاقت آهستي ڳالهائي ٿي، پر فيصلا سختيءَ سان ڪرائي ٿي. ان ئي سبب جڏهن هن کلي ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اهو رڳو هڪ انٽرويو نه رهيو، پر هڪ پوري دور جي اندروني ڪهاڻي بڻجي ويو.

سوزي وائلز جي ڪهاڻي ڊونلڊ ٽرمپ کان گهڻو اڳ شروع ٿئي ٿي. هوءَ آمريڪا جي مشهور اسپورٽس ڪاسٽر پيٽ سمرال جي ڌيءَ آهي. اهو ماڻهو جنهن جو آواز اسٽيڊيمز ۽ ٽي وي اسڪرينز تي گونجندو هو، پر جنهن جي ذاتي زندگي شراب نوشيءَ سبب ٽٽل هئي. سوزي پنهنجي پيءُ کان اهو سکيو ته هڪ ئي انسان ۾ ڪاميابي ۽ تباهي گڏجي رهندي آهي. هوءَ پاڻ چوي ٿي ته ڏکيا، وڏي ايگو وارا مرد سنڀالڻ هن لاءِ نئون ڪم ناهي، ڇاڪاڻ ته هن ننڍپڻ کان اهڙيون شخصيتون ڏٺيون آهن. شايد ان ڪري ٽرمپ جهڙو ماڻهو به هن کي حيران نٿو ڪري. جڏهن هوءَ چوي ٿي ته ٽرمپ وٽ "الڪوحلڪ شخصيت" آهي، ته اها ڪا گار ناهي، پر هڪ نفسياتي تشريح آهي: اهڙي مائي جيڪا سمجهي ٿي ته هن لاءِ ڪا حد ناهي، ڪو قانون رڪاوٽ ناهي. پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي پڙهندڙن لاءِ اهو تصور بلڪل اجنبي ناهي، ڇو ته هتي به اسان اهڙين طاقتور شخصيتن کي سڃاڻون ٿا.

هڪ منظر اهڙو آهي جيڪو سچي طاقت جي راند کي ظاهر ڪري ٿو. اول آفيس اندر ٽرمپ ڳالهائي رهيو هو. موضوع سينيٽ جو فليبسٽر ۽ وينزويلا جي صدر نيڪولس مادورو کي هٽائڻ. اوچتو سوزي وائلز بيٺي، دروازي ڏانهن وڌي. ٽرمپ پڇيو: ڇا اها ايمرجنسي آهي؟ جواب آيو: ها، پر ان جو توهان سان ڪو تعلق ناهي. ۽ هوءَ ٻاهر نڪري وئي. اهو هڪ لمحو هو جنهن ۾ وائٽ هائوس جي اندر طاقت جي ورهاست اُگهاڙي ٿي وئي. ٽرمپ سڀ ڪجهه ناهي ۽ سوزي اهو ڄاڻائي ڇڏيو.

مهينن تائين ٿيندڙ ڳالهين ۾ سوزي وائلز اهي موضوع کوليا جيڪي عام طور تي رياست جي اندر دفن رهندا آهن. ايپسٽين فائلون، ICEجي بي رحم ڊي پورٽيشن، USAIDجو خاتمو آمريڪي شهرن ۾ نيشنل گارڊ جي تعيناتي، سمنڊ ۾ مبينا منشيات اسمگلرن جي ٻيڙين تي قاتلاڻا حملا جن کي ڪجهه ماڻهو جنگي ڏوهه چون ٿا، ٽرمپ جي جسماني ۽ ذهني حالت، ۽ اهو سوال ته ڇا هو آئين جي 22هين ترميم کي للڪاري ٽئون مدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو؟ اهي سوال صحافين جا هوندا آهن. پر رياست جي طاقت ۾ ويٺل ماڻهو اُئين کلي ڳالهائيندا ناهن. سوزي ڳالهايو ۽ ان سان گڏ ٽرمپ جي ٻئي دور جي اندروني موسم سامهون آئي.

ٽرمپ جو هي دور هڪ اهڙو دور آهي جتي حڪمراني خيال کان اڳ عمل آهي. ٽيئرفس کي "لبريشن ڊي" جو نالو ڏئي اعلان ڪيو ويو، مارڪيٽون لرزي ويون، شيئرز ڪري پيا، بانڊ مارڪيٽ ۾ خوف پکڙجي ويو ۽ عام آمريڪي صارف تي بار پيو. سوزي مڃي ٿي ته ٽيئرفس تي وڏا اختلاف هئا ۽ اهو درد اميد کان وڌيڪ ڊگهو هو. هاڻي سروي ڏيکاري رهيا آهن ته اڪثريت سمجهي ٿي ته اهي پاليسيون معيشت کي نقصان پهچائي چڪيون آهن. طاقت جو اظهار آخرڪار بي يقينيءَ ۾ بدلجي ويو.

پر پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي پڙهندڙن لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه اميگريشن آهي. هن خطي جا لکين ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ آمريڪا جي ويزا، اسائلم يا گرين ڪارڊ سسٽم سان ڳنڍيل آهن. سوزي جو چوڻ آهي ته "اسان کي ڊي پورٽيشن جي عمل کي وڌيڪ غور سان ڏسڻو پوندو" رڳو سرڪاري جملو ناهي، اهو اعتراف آهي. وينزويلا جي ماڻهن کي عدالت جي حڪم باوجود ايل سلواڊور جي خطرناڪ جيلن ۾ موڪلڻ، خاندانن جي ورهاست، ٻارن سميت جبري روانگي، نقاب پوش اهلڪارن جا ماڻهن کي گهٽين مان کڻڻ وارا منظر اهي سڀ انسانيت جا زخم آهن. سوزي چوي ٿي ته جيڪڏهن ڪو پڪو ڏوهاري هجي ته ڪارروائي ٺيڪ آهي، پر جيڪڏهن شڪ هجي ته نظام کي ٻيهر جاچڻ گهرجي. سوال اهو آهي ته ڇا اهڙو نظام، جيڪو رفتار ۽ طاقت تي هلندو آهي، صبر ڪري سگهي ٿو؟

ان سڀ جي باوجود، ٽرمپ جا حامي مضبوط آهن. وائيٽ هائوس اندر ۽ ٻاهر هڪ اهڙو حلقو موجود آهي، جيڪو هر تنقيد کي سازش سمجهي ٿو. جڏهن وينٽي فيئر جو مضمون آيو، ڪنهن به اقتباس کي ڪوڙو نه چيو ويو. بس اهو چيو ويو ته پسمنظر ڪڍيو ويو. ٽرمپ سوزي جي تعريف ڪئي پر صحافي کي گمراهه ڪندڙ چيو. ريپبلڪن قيادت، خزاني جو وزير اسڪاٽ بيسنٽ، مارڪو روبيو، جي ڊي وينس، سڀ سوزيءَ جي حمايت ۾ آيا. ۽ آخر ۾ اهو سبق ڏنو ويو ته مين اسٽريم ميڊيا کي گهٽ انٽرويو ڏيڻ گهرجن.

هڪ ٻي پرت، جيڪا ڏکڻ ايشيا جي سياسي ذهنيت کي فوري ڇهي ٿي، اها آهي انتقام. سوزي مڃي ٿي ته ٽرمپ ۾ "اسڪور سيٽلنگ" جو عنصر آهي. قانون جي حڪمرانيءَ واري نظام ۾ اهو اعتراف انتهائي ڳرو آهي. سياسي مخالفن خلاف جاچ، ڪيس ۽ ادارن جو استعمال، هاڻي الڳ الڳ واقعا ناهن لڳندا، پر هڪ نمونو جيان نظر اچن ٿا. ٽرمپ چوي ٿو ته اهو انصاف آهي، بدلو ناهي. سوزي جا لفظ انهيءَ دعويٰ کي ڪمزور ڪن ٿا.

۽ پوءِ اچي ٿو ايلان مسڪ. سوزي هن کي 'سولو ايڪٽر' سڏيو USAIDتي سندس حملو سوزي لاءِ به حيران ڪندڙ هو. PEPFARجهڙو پروگرام، جنهن لکين زندگيون بچايون، ڪمزور ٿي ويو. آفريڪا ۾ ويڪسينيشن رڪجي وئي. انساني نقصان جا خطرا وڌي ويا. اڳوڻو صدر جارج ڊبليو بش به مبينا طور نجي سطح تي مداخلت تي مجبور ٿيو سوزي پاڻ مڃي ٿي ته شروعات ۾ هن نقصان جي پوري شدت نه سمجهي. فيصلا اڳ ۾ ٿيا، نتيجا پوءِ سامهون آيا.

سچي ڪهاڻيءَ ۾ سوزي وائلز هڪ اهڙي ڪردار طور سامهون اچي ٿي، جيڪا هڪ ئي وقت محافظ به آهي ۽ شاهد به. هوءَ چوي ٿي ته هوءَ اينيبلر ناهي، پر هوءَ نظام جو حصو آهي. اختلاف ڪري ٿي، پر آخرڪار "آن بورڊ" اچي ٿي. خبردار ڪري ٿي، پر عملدرآمد به ڪرائي ٿي. اهو تضاد ئي ٽرمپ جي ٻئي دور جي سڃاڻپ آهي. هي اهڙو دور آهي جيڪو طاقت ڏيکاري ٿو، پر اندر ئي اندر ردعمل ۽ خوف ۾ قائل آهي.

پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا لاءِ هيءَ ڪهاڻي رڳو آمريڪا جي سياست ناهي. هي اسان جي ماڻهن جي زندگين سان جڙيل آهي. ويزا، اميگريشن، ڊي پورٽيشن، عالمي امداد، واپاري پاليسيون، سڀ ڪجهه اسان تائين پهچي ٿو. جڏهن وائٽ هائوس جي اندر ويٺل هڪ عورت چوي ٿي ته "اسان کي وڌيڪ غور ڪرڻو پوندو"، ته اهو صرف واشنگٽن جو مسئلو ناهي، اهو انهن خاندانن جي ڌڙڪن آهي، جيڪي هر خط، هر ڪال جو انتظار ڪن ٿا.

سوزي وائلز گهڻو ڪجهه چيو آهي. پر جيڪو هن نه چيو، شايد اهو وڌيڪ اهم آهي. ڇو ته تاريخ لفظن سان نه، پر نتيجن سان فيصلو ڪندي آهي. ۽ ٽرمپ جو هي دور، جنهن جي مرڪز ۾ هي خاموش عورت بيٺل آهي، آهستي آهستي لفظن کان نڪري نتيجن ڏانهن وڌي رهيو آهي.

'چڱا ڪن چڱايون...'



مٺل جسڪاڻي

طمع لفظ جي هڪڙي معنيٰ آهي لوڀ، لالچ، حرص، ٻي معنيٰ آهي خواهش، اميد، چاهه، گهرج، ضرورت. سياڻا چوندا آهن، طمع سندو طس، پريو پرچي ڪين ڪي.

ڏاها چون ٿا، 'انسان جي اوڏي ڪوپڙي، پرچڻ جي آهي ٿي ڪا نه.' ڇو ته دولت ۽ مايا جو حِرص اهڙي بيماري آهي، جيڪا صبر ۽ شڪر کي ڪاٽي وڃي ٿي اُن ڪري، حِرص واري ماڻهوءَ جو پيٽ نه ڀربو آهي، اهڙن کي پوڊائو چئبو آهي.

پوءِ ڏاول يعني نئينءَ مان ملڪيت وارو ٿيل. جيڪو طبيعت ۽ لڇڻ ۾ تند مزاج ٿيندو آهي اجائي وڏائيءَ ۽ هلڪي طبيعت وارو ٿيندو آهي جيئن ڪو آٽي مان لوڻ ڪڍي، تيئن مثبت ڪم، عمل مان به پيو وڏون ڪيندو آهي. جنهن مان ڪيس ڪجهه به ورڻو سرڻو نه هوندو آهي، پر مُڙندو به نه آهي. ڪنهن اهڙي يا اهڙن کي مُنهن ڏيڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي، ته هٿيار ڦٽا ڪرڻا پون ٿا. اهڙي صورتحال ۾ چئبو آهي، 'واڳَ ڏاڻي تنهنجي، وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيڻي.'

ماڻهن جي جهان ۾ 'انسانَ' وڃي اُن وٽ، جنهن جا هٿيهه ئي ڪلن، منهنجو صبح وارو پنڌ به پيو هلندو، 'صبح واري سنگت' سان ملڻ به پيو ٿيندو ڪڏهن اڪيلي سر پنهنجي پاڻ سان ڪچهري ڪبي، ڪڏهن سنگت ساٿ، متن مائٽن سان روح رچنديون ڪبيون ڪڏهن ڪڏهن حالي احوالي به پيو ٿيو پر..

چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن،

جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

چڱائي جي اميد ۾ چڱائي جي ڪوشش ڪبي رهبي..

پيپر ليس آفيس ڪلچر، وقت جي ضرورت...!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

متحده عرب امارات جو ذاتي دورو مڪمل ڪرڻ کانپوءِ آئون واپس پنهنجي ملڪ پهچي چڪو آهيان، پر هر ڀيري وانگر هن ڀيري به واپسي مون کي گهڻو ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهه ڏينهن جي رهائش دوران مون پنهنجي اکين سان ڏٺو ته جيڪو علائقو ڪجهه ڏهاڪا اڳ مڪمل طور ويران ۽ پوئتي پيل ريگستان هو، اهو اڄ تيزيءَ سان جديد ڊجيٽل دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. امارات جي ترقي، خوشحالي، شهرين کي ملندڙ بهترين سهولتون، وقت سر ۽ درست فيصلا ڪرڻ، حڪومتي حڪمت تي مؤثر عملدرآمد ۽ ماڻهن تائين صحيح وقت تي ڄاڻ پهچائڻ ۾ جديد ڊجيٽل ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. مغربي ترقي يافته ملڪن جي نقشِ قدم تي هلندڙ اماراتي حڪمرانن اهو سچ تسليم ڪري ورتو آهي ته سرڪاري ادارن ۾ ڪاغذي فائيلن، پراڻن دفتري طريقن ۽ بنا ضرورت ميٽنگن تي ڀاڙڻ نه رڳو وقت ۽ وسيلا ضايع ڪري ٿو پر شفافيت، ڪم جي تيزي ۽ سٺي حڪمرانيءَ جي راهه ۾ به وڏي رڪاوٽ بڻجي ٿو ان ڪري امارات ۾ روزمره جي سرڪاري ڪمن ڪارين ۾ مصنوعي ذهانت يعني اي آءِ جو استعمال تيزيءَ سان وڌندو پيو وڃي، جيڪو ڪم کي وڌيڪ تيز، صحيح ۽ آسان بڻائي رهيو آهي. تقريباً اهڙي ئي حوصلا افزا صورتحال مون پنهنجي تازو آمريڪا جي دوري دوران به ڏٺي. دنيا جي سپر پاور آمريڪا نئين صديءَ جي شروعات کان ئي ڊجيٽل نظام کي اپنائيندي پيپرليس آفيس ۽ آن لائن ميٽنگن کي هٿي وٺرائڻ ۾ اڳڀرو رهيو آهي. اڄ آمريڪا ۾ سرڪاري سطح تي گهڻو ڪري فائيلن جو ڪم، پاليسين جو مسودو تيار ڪرڻ، صلاح مشورا ۽ منظوريون سڀ ڪجهه آن لائن طريقي سان ڪيون وڃن ٿيون. آمريڪي ادارن ۾ اي-ريڪارڊ، ڊجيٽل صحيحون ۽ آن لائن ڊيٽابيس عام ڳالهه بڻجي چڪا آهن، جڏهن ته وڊيو ڪانفرنسنگ کي به سرڪاري نظام جو مستقل حصو بڻايو ويو آهي. عالمي وبا ڪورونا جي دوران آمريڪا ۾ ڪابينا، ڪانگريس ۽ ٻين وڏن سرڪاري ادارن بنا ڪنهن رنڊڪ جي آن لائن اجلاس ڪاميابي سان ڪيا. انهن تجربن کانپوءِ پيپر ليس يعني بغير ڪاغذن وارو نظام رياستي پاليسي جو مستقل حصو بڻايو ويو. اڄ وائٽ هائوس، پينٽاگون، اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ ۽ ٻيا وفاقي ادارا رڳو پنهنجا اندروني اجلاس آن لائن نٿا ڪن، پر عالمي سفارتي صلاح مشورن لاءِ به ڊجيٽل پليٽفارم استعمال ڪن ٿا. هر ڊجيٽل ڪارروائي جو مڪمل رڪارڊ محفوظ ڪيو وڃي ٿو جنهن سان نه رڳو انتظامي ڪم ۾ تيزي ۽ سڌارو اچي ٿو پر قانوني سطح تي به شفافيت برقرار رهي ٿي. پيپر ليس آفيس جي حوالي سان دنيا جي ٻي وڏي معيشت چين ۾ به آن لائن اجلاس ۽ وڊيو ڪانفرنسنگ کي خاص اهميت ڏني وڃي ٿي. چين ۾ ڊجيٽل گورننس کي رياستي پاليسي طور اختيار ڪندي مرڪزي حڪومت کان وٺي صوبائي ۽ ضلعي سطح تائين پاليسي اجلاس، ترقياتي منصوبن جا جائزا ۽ ايمرجنسي ميٽنگون ڊجيٽل پليٽفارمن تي ڪيون وڃن ٿيون. جنهن سبب وقت ۽ وسيلا وڏي پيماني تي بچايا ويا آهن. چيني ماڊل جي هڪ نمايان خوبي اِها آهي ته ڊجيٽل گورننس کي سرڪاري عملدارن جي ڪارڪردگي تي نظر رکڻ، يعني پرفارمنس مانيٽرنگ سان ڳنڍيو ويو آهي. جنهن سان ڪم ڪندڙن کان جوابدهي به يقيني بڻائي وڃي ٿي. جيڪڏهن اسان پنهنجي علائقي تي نظر وجهون ته اسان جي پاڙيسري ملڪ گذريل ڏهه سالن دوران 'ڊجيٽل انڊيا' پروگرام هيٺ سرڪاري اي فائلنگ، اي نوٽنگ ۽ ڊجيٽل صحيحون سرڪاري نظام جو باقاعده حصو بڻايون ويون آهن. اتي هاڻي گهڻو ڪري سرڪاري ڪم ڪاغذن بدران آن لائن ٿئي ٿو. ايشيا جي ٽائيگر ملڪ سنگاپور ۾ آن لائن اجلاس کي پهرين ترجيح ڏني وڃي ٿي، جڏهن ته روبرو يعني فزيڪل ميٽنگ ڪرڻ آخري آپشن طور رکيو وڃي ٿو يعني جڏهن ڪو ٻيو رستو نه هجي تڏهن ئي ماڻهو گڏ ٿين ٿا. يورپ جي ملڪ ايسٽونيا کي سڄي دنيا ۾ ڊجيٽل گڊ گورننس جو رول ماڊل سمجهيو وڃي ٿو، جتي ڪابينا جا فيصلا به ڊجيٽل صحيحن جي ذريعي ٿين ٿا. برطانيه ۾ 'ڊجيٽل باءِ ڊفالٽ' پاليسي تحت پيپر ليس آفيس جو نظام ڪاميابي سان هلي رهيو آهي اهڙيءَ ريت گڏيل قومن جي ادارن ۾ به ڊجيٽل دستاويزن ۽ ورچوئل اجلاس ذريعي پنهنجي ڪارڪردگي مڃرائي آهي. گڏيل قومن به پيپر ليس نظام کي ماحولياتي تحفظ ۽ پائيدار ترقي وارن هدفن، يعني ايس ڊي جيز سان به جوڙي ڇڏيو آهي ته جيئن وڻن جي ڪٽائي گهٽجي ۽ ماحول محفوظ رهي. منهنجي خيال ۾، 21هين صديءَ جا 25 سال مڪمل ٿيڻ کانپوءِ دنيا هاڻي ڊجيٽل انقلاب جي اهڙي فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي رهي آهي، جتي رياستن جي ڪارڪردگي جو اندازو هاڻي ان ڳالهه سان لڳايو ويندو ته حڪومت ڪيتري تيزيءَ سان ڪم ڪري ٿي، ڪيتري شفاف آهي ۽ فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت ڪيتري مضبوط اٿس. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي ملڪ جي سرڪاري آفيسن ۾ اڄ به انگريز سامراج جي دور جو فائيل ڪلچر هڪ ڪوڙي حقيقت بڻيل آهي هي منهنجو ذاتي مشاهدو آهي ته تقريباً هر بيوروڪريٽ جي آفيس ۾ فائيلن جا ڍير لڳل هوندا آهن جيڪي نظام جي سستيءَ کي ظاهر ڪن ٿا. پارلياماني قائمه ڪاميٽين جي اجلاس ۾ به سرڪاري آفيسرن کي وڏا وڏا فائيلن جا ڍير کڻي بريفنگ ڏيڻ لاءِ اچڻو پوي ٿو ۽ ميمبرن کي سرڪاري طور تي آءِ پيڊز به مهيا ڪيا ويا آهن. پر پوءِ به ڪاغذن جو سلسلو ختم نه ٿيو آهي. سرڪاري اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن جو سفر، گڏوگڏ استقبال پروٽوڪول، ٽي اي ڊي اي، رهائش ۽ سيڪيورٽي جا انتظامات قومي خزاني تي اضافي بار وجهن ٿا، جڏهن ته انهن جي پنهنجن آفيسن ۾ غير حاضري بنيادي ذميوارين جي ادائگي کي متاثر ڪري ٿي. سرڪاري ادارن ۾ هڪ ننڍڙي سمري کي اڳتي وڌائڻ ۾ مهينا لڳي وڃن ٿا. فائيل ڪيترن ئي ميزن تان گذري ٿو ۽ صحيحن جو انتظار ڪندي ڏينهن ۽ هفتا ضايع ٿي وڃن ٿا. ڪڏهن 'صاحب بهادر' موڪل تي هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪلارڪ شاهه طرفان ديرجا حربا اختيار ڪيا ويندا آهن. ميٽنگ ۾ مصروفيت جا بهانا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ۽ فائيلن کي قيتا لڳائڻ جون ڳالهيون عام ٿي وينديون آهن. نتيجي طور، عوامي مسئلا حل ٿيڻ بدران وڌيڪ پيچيده ٿي وڃن ٿا. منهنجي نظر ۾، اڄ جي تيز رفتار دور ۾ پاڪستان جي موجوده دفتري نظام ۾ نه رفتار آهي، نه شفافيت ۽ نه جوابدهي. اهڙين حالتن ۾، هڪ محب وطن پاڪستاني طور مون جي ذهن ۾ هڪ ئي سوال گونجندو آهي: ڇا پاڪستان 21هين صديءَ ۾ نئين دور جي جديد ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، 19هين صديءَ جي دفتري نظام سان ترقي ۽ خوشحالي جي ريس ۾ اڳتي وڌي سگهي ٿو؟ اڄ جي دنيا ۾ اهم رياستي فيصلن کي سيڪنڊن ۾ ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن تي عملدرآمد به فوراً ٿيندو آهي، جڏهن ته پاڪستان ۾ فائيلون مهينن تائين جمود جو شڪار رهن ٿيون ۽ اهم مسئلن تي اجلاس تي اجلاس طلب ڪيا وڃن ٿا، جيڪي گهڻو ڪري ڪامياب نٿا ٿيندا آهن منهنجي نظر ۾، پيپر ليس آفيس رڳو ڪاغذن جي بچت لاءِ ناهي، پر هي ڊجيٽل طريقو سٺي حڪمراني (گڊ گورننس) کي يقيني بڻائي ٿو جڏهن ته روايتي فائيل ڪلچر ڪرپشن، رشوت، سفارش، تعصب، سست رفتاري ۽ ذميواري کان فرار جو ذريعو بڻجي ٿو پيپرليس آفيس جو هڪ ٻيو اهم فائدو ماحولياتي تحفظ آهي. چو ته ڪاغذن جي گهٽتائي وڻن جي ڪٽائي کي روڪي ٿي ۽ ماحول کي بچائي ٿي. جيڪڏهن اسان پنهنجي پياري وطن کي ترقي يافته ملڪن جي فهرست ۾ ڏسڻ چاهيون ٿا، ته اسان کي پراڻن دفتري طريقن کي الوداع چوڻ گهرجي ۽ ڊجيٽل گورننس کي اختيار ڪرڻو پوندو وقت جو تقاضو آهي ته اسان جا ارباب اختيار پيپرليس آفيس کي عملي طور تي نافذ ڪن، جيئن شهرين کي بهترين سهولتون مهيا ڪري سگهجن ۽ گرين ٽيڪسن سان تڪليف ۾ مبتلا عوام کي سرڪاري آفيسرن جي غير ضروري سفري خرچن جي بار کان نجات ملي. نه ته سرڪاري فائيلن هيٺان دٻيل پراڻو دفتري نظام نه رڳو حڪومت جي ڪارڪردگي کي مفلوج ڪندو، پر ايندڙ نسلن کي به هڪ فرسوده ۽ غير موثر رياستي ڍانچي جو وارث بڻائي ڇڏيندو.

Ibrat Post
عبرت پوسٽ
خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڊائريڪٽر ڏانهن کليل خط!

معزز مانوارا ايم ڊي سيف، سنڌ ايڊيوڪيشن فائونڊيشن سنڌ!

اميد ته اوهان هميشه الله جي امان ۾ ۽ بلڪل خيريت سان هوندا! اوهان جي خدمت ۾ هڪ ننڍڙو عرض ٿو رکجي ته سنڌ حڪومت جڏهن کان اوهان کي ان اداري جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو آهي، ترت اوهان اڳئين ايم ڊي جي وڃڻ بعد سيف اسڪولن لاءِ جيڪا پاليسي نافذ ڪئي آهي، ان جي پسمنظر هيٺ ڪجهه اوهان جي خدمت ۾ هي عرض رکجي ٿو. منهنجا سائين اوهان بخوبي سنڌ جي سرڪاري توڙي غيرسرڪاري تعليم جي ڪارڪردگين کي بهتر ڄاڻندا هوندئو ان کانپوءِ سيف اداري پاران به هن وقت شايد ڪي هزار جي لڳ ڀڳ سنڌ جي شهري توڙي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ پرائمريءَ کان ايليمينٽري سطح تائين سيف جا اسڪول جيڪي ڪانٽريڪٽي بنيادن تحت هلي رهيا آهن، جن ۾ لکين ٻار زير تعليم آهن. سيف جي اسڪولن کي ٻهراڙيءَ وارن ڳوٺن ۾ کولڻ جو اصل مقصد اهو هو ته مسڪين هاري ۽ غريب جو ٻار پڙهائڻو آهي ته پوءِ انهن کي پڙهائڻ جو اهو طريقيڪار درست نٿو ٿئي ته هر مهيني هيڊ ڪائونٽنگ ڪري ٻارن کي ريگيولر ڪجي، ٻهراڙيون پهرين ڳالهه ته شعور کان وانجهيل آهن. انهن ۾ هڪ جاڳرتا پيدا ڪرڻ گهرجي، ٻهراڙين ۾ غربت سبب اهڙي حالت پيدا ٿي چڪي آهي جو والدين پنهنجي ٻارن کي هٿين خالي اسڪول موڪلين ٿا، نه انهن ۾ ڪتاب، قلم، ڪپڙا ۽ جوتا خريد ڪرڻ جي وصيعت آهي. ٻار جو سمجهدار ٿيندي ئي انهن کي ڪجهه شيون وڪڻڻ لاءِ ڏنيون وڃن ٿيون، جيئن ڪجهه رپيا گهر ۾ آڻي ته پيٽ پالجي! غربت سبب سيف جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارن جي اهڙي صورتحال آهي ته پوءِ اهو ٻار اسڪول ۾ ريگيولر ڪيئن رهندو ۽ اهڙا ٻار هيڊ ڪائونٽنگ دوران گهلي وٺي اچڻا پون ٿا. جيڪڏهن هيڊڪائونٽنگ دوران هر ڀيري غيرحاضر رهندڙ ٻار جي مجبورين کي نظر ۾ رکڻ کان پهرين انکي ڊراپ ڪيو ويو ته اها تعليم سان دشمني ٿيندي. ٻاراڻي زندگيءَ ۾ اسڪولن ۾ غير حاضر رهڻ ٻارن جي زندگيءَ جو قطري عمل آهي، جنهن تي استاد يا والدين جو قصور ناهي، ان ٻار کي ريگيولر ڪرڻ لاءِ اسڪولن اندر هڪ بهترين ماحول جي سڀ کان گهڻي ضرورت آهي، جنهن تي عمل ٿيندي نظر نه پيو اچي. اهڙي عمل سان نه "سنڌ پڙهندي نه سنڌ اڳتي وڌندي". بهرحال سيف اداري ۾ تعليم جي بهتر ڪارڪردگي بنيادن آڌار سرڪاري اسڪولن جي بنسبت سيف ۾ پڙهائيءَ جي حساب سان ماڻهن جي وڏي دلچسپي سخت ناڪاري اثر پئجي ويا آهن. سنڌ جي تعليم هن وقت ٻهراڙين ۾ بلڪل تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي پهتل آهي، جنهن جو اهم سبب استادن جي مطالبن کي غيرسنجيده طريقي سان ٻڌڻ، پڙهندڙ غريب شاگردن لاءِ اسڪولن ۾ سال اندر ڪوبه رليف يا پيڪيج نه ملڻ سميت ٻيا ڪوڙ سارا مسئلا سامهون اچڻ لڳا آهن. جيڪي هيڊڪائونٽنگ رزلٽ جي ناڪاميءَ ۽ تعليم تي ناڪاري اثرن جو سبب بڻجي رهيا آهن. ليڪن نشاندهي ڪيل انهن سمورن معاملن کي بهتر ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي جڏهن سن 1992ع ۾ سيف جا اسڪول هارڊ ايريا ۾ متعارف ڪرايا ويا، جنهن وسيلي ٻهراڙين ۾ تعليم بهتر ٿيڻ جي هڪ اميد جاڳي پئي پر اوچتو ٿوري عرصي اندر هارڊ ايريا ۾ سيف اسڪولن جي رزلٽ بي فائده ٿيڻ لڳي آهي، اسڪولن ۾ حد کان وڌيڪ انرولمينٽ سبسڊي ۾ تاخير ۽ انتظاميه جي پاليسين تحت هن وقت اسڪولن جي تعليم تي ناڪاري اثر پئجي ويا آهن. انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر سيف جو استاد ٿي رهيو آهي، جنهن تي سيف اداري، وزيٽنگ ٽيمن توڙي آپريٽرس جو سڀ کان وڌيڪ پريشر آهي ۽ پريشر اهو آهي ته ٽوٽل انرولمينٽ ۾ جاٿايل شاگرد اسڪولن ۾ هيڊڪائونٽنگ دوران سئو فيصد موجود هئڻ گهرجن ۽ سيف توڙي آپريٽرس جي انهيءَ بار ۽ زور واري مطالبي استادن کي پريشانين ۾ مبتلا ڪيو آهي. ٻهراڙين ۾ سئو فيصد هيڊڪائونٽنگ ناممڪن آهي. ان مسئلي تي استادن مٿان زور پرڻ سان والدين توڙي ٻار ۽ استاد ٻڌڻ ٿي سگهن ٿا، سو هارڊ ايريا وارن اسڪولن ۾ هڪ استاد جي ماهوار پگهار ڪيتري آهي ۽ گهٽي عرصي کان پوءِ اها رليز ٿئي پئي، اوهان بخوبي ڄاڻندا هوندئو!

هاڻي جهڙي طريقي سان اوهان جي جاري ڪيل آرڊر کانپوءِ هيڊڪائونٽنگ ڪئي پئي وڃي، ان کانپوءِ آپريٽرس جي سبسڊيءَ ۾ ڪجهه گهٽتائي ته ٿيندي پر ان جو سمورو وزن اسڪولن جي تعليم ۽ استادن تي پئجي رهيو آهي، ڇو ته پهرين اسڪولن ۾ جهڙي نموني سان انرولمينٽ ۾ ساليانو اضافو پيو ٿيندو هو، اهو به بند ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ جو ٻهراڙيءَ وارن جڳهين تي سيف جا اسڪول هلن پيا، تن علائقن ۾ پهرين ڳالهه ته ماڻهو غربت ۽ بيروزگاريءَ سبب پريشان آهن ۽ انهن ٿي خاندانن جا ٻار سيف جي اسڪولن ۾ تعليم پرائي رهيا آهن. گورنمينٽ توڙي سيف ۽ آپريٽر سطح تي انهن غريب ٻارن لاءِ پوري سال اندر سواءِ درسي ڪورس جي ٻيو ڪو به پيڪيج اندر اهڙي طرح جو ڪوبه رليف پروگرام نهيل ناهي. ٻي ڳالهه ته سيف اداري توڙي آپريٽر جو سمورو پريشر استاد مٿان ئي هجي ٿو. تمام گهٽ پگهار باوجود استادن جي محنت جو نه اداري وٽ ڪو قدر ۽ احساس آهي، نه وري آپريٽرس وٽ جنهن سبب اسڪول جي هيڊڪائونٽنگ ساليانی امتحانن جي رزلٽ ۽ اسيسمينٽ دوران اسڪولن اندر ڪوبه بهتر نتيجو نه پيو اچي، جنهن سبب تعليم تي وڏو ناڪاري اثر پئجي رهيو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ سيف اداري توڙي اسڪولن، آپريٽرس ۽ معصوم ٻارن توڙي استادن لاءِ بهتر ثابت نه ٿي سگهندو. سنڌ جي شهري علائقن کي هڪ پاسي تي رکي جيڪڏهن ٻهراڙين جو ذڪر ڪيون ٿا ته اتي سيف اداري بهتر ڪوششون ورتيون، جيڪي هن وقت ناڪامي طرف وڃي رهيون آهن، جنهن غلطين جو ذميوار مٿين سطح جو عملو آهي، جنهن سموري سنڌ ۾ سيف آپريٽرس سان هميشه شفقت وارو هٿ پئي رکيو ۽ استادن ۾ وڏي پشيماني احساس محروميون پيدا ڪيون. انهن سڀني مسئلن جو جڏهن استاد ذميوار هجي ٿو ته پوءِ اسڪولن ۾ پيئڻ جي پاڻي صفائي، بجلي يا سولر سسٽم جي سهولت، درسي ڪتابن جي فراهمي ۽ فرنيچر جي ڪوٽ وغيره سهولتن جي جڏهن استادن طرفان وزيٽرس ٽيمن آڏو شڪايت ڪئي وڃي ٿي ته ڇا انهن تي سيف اداري ۽ آپريٽرس پاران سنجيده نموني ڪو نوٽيس وٺي عمل ڪري سهولتون ميسر ڪيون آهن هڪ جوابديده سوال آهي؟ منهنجا معزز مانوارا ڊائريڪٽر صاحب! سنڌ سرڪار سيف کي ساليانی ڪروڙين رپيا فنڊز صرف غريب هاري پورهيو ڪندڙ معصوم ٻارن کي تعليم جهڙي زيور سان نوازڻ لاءِ ڏئي ٿي ۽ ان جو ڪيترو فيصد ٻارن تي خرچ ڪيو وڃي ٿو؟ اهو به جواب طلب سوال آهي. بهرحال سائين مسئلا ته تمام گهڻا آهن، جن تي گهڻو لکجي سگهجي ٿو پر سيف ۾ هاڻ استادن سان اداري توڙي آپريٽرس جو اهو ئي رويو نظر اچي پيو ته سو مٿي بيان ڪيل عملن سان اسڪولن ۾ تعليم توڙي ٻين مسئلن جي بهتريءَ جي اميد نٿي رکي سگهجي. سنڌ سرڪار تعليم بابت جيڪو نعرو هنيو آهي ته "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" ته ان تي به عمل ناممڪن لڳي رهيو آهي. اميد ته اوهان هن مختصر خط کي غور سان پڙهندا...۽ نشاندهي ڪيل سمورن معاملن تي بهترين قدم کڻندا! في امان الله

محمد اسماعيل لانگاهه

صادق آباد جا مغوي شهري ڪڏهن آجا

سبب اوباوڙو پرسان مريد شاخ واري علائقي ۾ گهراڻا ويا، جتان ڪين اغوا ڪيو ويو. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اِيتري ڊگهي عرصي گذرڻ باوجود مغوي بازياب نه ٿي سگهيا. تازو مغوين جي زنجيرن ۾ جڪڙيل وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي آهي، جيڪا انساني حقن جي کلي لتاڙ آهي. وڊيو ۾ مغوي ٻڌائي رهيا آهن ته ڪين سخت سرديءَ ۾ زمين تي سمهاريو وڃي ٿو ڪاڻڻ لاءِ ماني به نٿي ڏني وڃي ۽ ڪانئن چار ڪروڙ رپين جي ڀنگ جي گهر ڪئي پئي وڃي. اهڙي صورتحال ۾ مغوين ۽ سندن وارثن جي تڪليف جو اندازو لڳائڻ مشڪل ناهي. هي واقعو نه رڳو قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگيءَ تي سوال کڙا ڪري ٿو، پر سماج جي مجموعي سلامتيءَ لاءِ به خطرو بڻجي چڪو آهي. حڪومت ۽ پوليس کي گهرجي ته ترت ڪارروائي ڪري مغوين کي بازياب ڪرائي، جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن اهڙن ڏوهن جي روڪٿام ٿي سگهي.

ضمير احمد سرڪي، اوباوڙو

بدين ۾ قبضا مافيا کي ڪنٽرول ۾ ڪريو!

اسين بدين شهر جي انتهائي خراب ٿيندڙ شهري حالتن ڏانهن لاڳاپيل اختيارين جو ڌيان ڇڪائڻ چاهيون ٿا. بدين، جيڪو ڪنهن زماني ۾ صاف سٿرو ۽ منظم شهر سڏبو هو اڄ قبضا مافيا، ناقص ٽريفڪ انتظام ۽ اڻپوري صفائيءَ سبب پنهنجون سموريون رونقون وڃائي چڪو آهي. شهر جي مک روڊن ۽ بازارن تي ريڙهن ۽ پڙين جو اهڙو بي قابو قبضو ٿي ويو آهي جو وسيع روڊ به سوڙها ٿي گهٽين ۾ تبديل ٿي ويا آهن. شهر جي مک چوڪن تي رڪشائن، چنگچي رڪشائن ۽ شوروم وارن جي والار عام شهرين لاءِ مستقل تڪليف بڻيل آهي. روڊن تي واپارين جو ضرورت کان وڌيڪ سامان، سبزيون، فروٽ، عام نيلاميءَ جا ڪپڙا ۽ ٻيو مال رکي عوامي رستن تي قبضا ڪيا ويا آهن، جنهن سبب ٽريفڪ جو نظام مڪمل طور درهم برهم آهي. نتيجي ۾ ڪارون، وڏيون گاڏيون ۽ ايمرجنسي سروسون به رش ۾ ڦاسي پون ٿيون، جڏهن ته عام مسافر ذهني ۽ جسماني آزار ۾ مبتلا رهن ٿا. ان کان به وڌيڪ افسوسناڪ صورتحال صفائي جي آهي. شهر جا گٽر نالا باقاعده صاف نه ٿيڻ ڪري اڪثر رات جي وقت اٿلي پون ٿا، جنهن سبب روڊ گٽرن جو منظر پيش ڪن ٿا. بدبو، گندگي ۽ ترڪندڙ رستن ڪري شهرين لاءِ هلڻ ڏکيو ٿي پيو آهي ۽ حادثن جو به خدشو وڌي وڃي ٿو. هتي جي شهرين جو چوڻ آهي ته قبضا مافيا کي سياسي پٺڀرائي حاصل هئڻ ڪري انتظاميه خاموش تماشائي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عام اطلاع

ڄمڻ جي تاريخ ۾ درستي

گمشدگي جو اطلاع

ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن
پرنٽنگ پريس ڊپارٽمينٽ
نشتر روڊ ڪراچي

NO.PPD/KMC/002_2025 Dated:17_12_2025

ٽينڊر نوٽيس

هيٺ ڏنل ڪم لاءِ سٺي شهرت رکندڙ فرمن / بااختيار ڊيلرز / دلچسپي رکندڙ ماڻهن پاران انڪم ٽيڪس رجسٽرڊ ۽ سنڌ روينيو بورڊ پاران سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي رول 2010 (ترميم ٿيل 2018) جي قابليت جي معيار کي پورو ڪندڙ مهربند واڪ پروڪيورمينٽ جو طريقو "سنگل اسٽيج سنگل لفافي طريقيڪار" مطابق گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	لاڳت	واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	مدو
01	ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن لاءِ ڪاغذن جي خريداري.	ايز پر بجيٽ	2%	1000	90 ڏينهن

شرط ۽ ضابطا:

1. ٽينڊر/واڪ دستاويز، جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا وغيره شامل آهن، هن ٽينڊر نوٽيس جي اشاعت کان وٺي ڊائريڪٽر پرنٽنگ پريس ڊپارٽمينٽ، ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي آفيس ۾ موجود آهن ۽ 12-01-2026 تائين ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي آفيس جي ڪلاڪن دوران ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) جي ادائيگي تي نقد/ پي آرڊر يا ڊمانڊ ڊرافٽ (ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي حق ۾) جي صورت ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2. واڪ دستاويز ۾ ڏنل هدايتن جي مطابق تيار ڪيل واڪ 12-01-2026 تي يا ان کان اڳ صبح جو 11:00 وڳي تائين هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ پهچائين. هي واڪ ساڳئي ڏينهن صبح جو 11:30 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ موجود شرڪت ڪندڙن يا انهن جي مجاز ايجنٽن جي سامهون کوليا ويندا. جيڪڏهن هيٺ صحيح ڪندڙ هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر آهي ته ٽينڊر ايندڙ ڏينهن تي کوليا ويندا. جيڪڏهن ٽينڊر منسوخ / رد ڪيا ويا يا جواب نه ڏنو ويو ته جاري ڪرڻ ۽ کولڻ جي ايندڙ تاريخ هيٺ ڏنل هوندي.
3. ٻيو پيرو جاري ٿيڻ: 27-01-2026 تائين ۽ کوليا ويندا27-01-2026 تي (ساڳي ريت)
4. واڪ سيڪيورٽي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي نالي تي ڪنهن به شيڊيول بينڪ مان ڪال ڊپازٽ / پي آرڊر جي صورت ۾ گروي رکي ويندي ۽ واڪ دستاويزن سان گڏ هجڻ گهرجي؛ ٻي صورت ۾، ان تي غور نه ڪيو ويندو.
5. مشروط ۽ ٽيليگرافڪ ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
6. واڪ کولڻ جي جاءِ ۽ رابطي جو تفصيل هيٺ ڏنل آهي:-
7. ڊائريڪٽر پرنٽنگ پريس، ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن، فون: 99215134-021، اي ميل printingpress@kmc.gos.pk مجاز اختياري کي ايس پي پي آر اي رولز-2010 (ترميم ٿيل 2017) ۾ ڏنل شق جي تحت ڪو به سبب ٻڌائڻ کان سواءِ ڪنهن به يا سڀني ٽينڊر کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.

نوٽ: هي اين آءِ ٽي ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ www.ppms.pprasindh.gov.pk تي پڻ ڏسي سگهجي ٿو.

ڊائريڪٽر
پرنٽنگ پريس ڊپارٽمينٽ
ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

INF/MM/0108/2025

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، لوئر پنياري ڊويزن سجاول

فون نمبر: 0298_510421

NO.TC/G_55/1950/2025 Dated:15_12_2025

تصحيح

هن آفيس پاران عوامي طور تي طلب ڪيل ٽينڊر NIT نمبر TC/G-55/1945-، تاريخ 12-12-2025، مختلف اخبارن ۾ INF/KRY/4209/25 ذريعي 13-12-2025 ۽ 14-12-2025 تي شايع ٿيا، جن ۾ ڪجهه غلطيون هيون. ڪٽيل لاڳت عيوض هيٺ ڄاڻايل درستگيون/ تبديليون ڪجن ٿيون:

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪٽيل لاڳت (ملين ۾)	واڪ سيڪيورٽي 5% ڪٽيل لاڳت بينڪ گارنٽي/ ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾)	ڪانٽريڪٽرز ڪئٽيگري	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
01	ڪينجهر ڊسٽري جي آر ڊي 00+20 کان 500+31 بشمول ان جو پيرينٽ چينل ڇهلو لارج آر ڊي 000+25 کان 100+37 تائين ڪينجهر ڊسٽري جي سيمينٽ ڪانڪريٽ لائننگ.	420.631	21.032 ملين	C-3 يا مٿي	3000	24 مهينا
2	ستا ۽ مليا برانچ جي ماڊيولز جي ڀيهر تعمير	220.496	11.204 ملين	C-3 يا مٿي	3000	24 مهينا
3	آر ڊي 88 آر/پنياري برانچ جي پاسي تي (فقط اضافي ڪم) تي ڪهري ڊسٽري جي تباهه ٿيل/ ٽٽل هيڊ ريگيوليٽر جي ڀيهر تعمير	65.209	3.260 ملين	C-5 يا مٿي	3000	24 مهينا

نوٽ: ٻيا شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

(فرحان حسين وڳڻ)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
لوئر پنياري ڊويزن سجاول.

INF-KRY.NO.4296/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

OFFICE OF THE PROJECT DIRECTOR
DIVISIONAL SIGNAL & TELECOM ENGINEER-II
(IMMEDIATE TRACK SAFETY OF WORKS-III)

INVITATION FOR BIDS THROUGH EPADS

The Project Director (ITSW-III) Invites bids for the **'SUPPLY, INSTALLATION, TESTING, AND COMMISSIONING OF REPLACEMENT FOR OBSOLETE UNDERGROUND RAILWAY SIGNALING CABLES IN SUKKUR DIVISION' UNDER THE PROJECT HEAD: 'PROJECT IMMEDIATE TRACK SAFETY WORKS ON ROH-KPR SECTION.'** Interested firms must possess a valid PEC C-4 or higher registration for the listed works, satisfy all mandatory requirements mentioned in the tender documents, and be on the Active Taxpayer List (ATL) as of the due date. The bidding process will follow a Single-Stage, One-Envelope procedure in accordance with PPRA rules.

S.NO	Description of Work	EPADs No.	Opening Date & Time	Bid Security	Completion Period
01	SUPPLY, INSTALLATION, TESTING, AND COMMISSIONING OF REPLACEMENT FOR OBSOLETE UNDERGROUND RAILWAY SIGNALING CABLES IN SUKKUR DIVISION' UNDER THE PROJECT HEAD: 'PROJECT IMMEDIATE TRACK SAFETY WORKS ON ROH-KPR SECTION (Single Stage One Envelope)	F-25121487937	31-12-2025 & 11:00am	1.000 Million	03 Months

1. Tender documents can be obtained from http://e.procure.gov.pk free of cost. Bidders must submit their Bids and related documents mentioned in bid documents, through E-Pak Acquisition and Disposal System (E-PADS). Bids & related documents must be accompanied by a scanned copy of Bid security in the form of CDR & Pay order, in the name of **FA and CAO/LHR** whereas bid security in original shall be submitted in the office of Divisional Accounts Officer/Sukkur alongwith other necessary documents as stated in bidding documents before closing of submission time.
2. In addition, a hard copy of tender duly filled should be submitted in under mentioned office on 31.12.2025 not later than 10:30 hours. However, only those bids shall be entertained for opening of bids which are submitted on EPADS on 10:30AM.
3. Bids will be opened on DAO/Sukkur office on same date and venue at 11:00 hours in the presence of the representatives of the firms who want to be present.
4. Tender notice is also available on PPRA website (www.ppra.org.pk) and Pakistan Railways website (www.pakrail.gov.pk).

(MUHAMMAD RAZA QURESHI)
Divisional Engineer/S&T/ITSW-III
for Project Direct/ITSW-III
Pakistan Railways, Sukkur

PID(H)240/25

سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ جا خواب ڏسندڙ هميشه خوابن ۾ ئي رهجي ويندا: سيد نويد قمر

ملڪ ۾ غيرقانوني طور آيل پرڏيهين جي نيڪالي جو عمل جاري آهي، ڊاڙيل ڪلچر جو خاتمو اچي چڪو آهي

اسان گريڊ هڪ کان چار گريڊ تائين جلد نوڪرين لاءِ اهليت جي بنيادن تي روزگار جو موقعو فراهم ڪنداسين

اڳوڻي وفاقي وزير سيد نويد قمر جو پنجاهه لک جي لاڳت تيار ٿيل اسڪول عمارت افتتاح بعد خطاب

ٽنڊو محمد خان(ع ر) اڳوڻي وفاقي وزير پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر ڳوٺ احمد خان زئور ۾ پنجاهه لک جي لاڳت سان تيار ٿيل اسڪول جي عمارت جو افتتاح ڪرڻ جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سيد رفتار ڪچ جي ڪيٽي ۾ مارجي ويل موٽرسائيڪل سوار 3 ڄڻن جا لاش

راڌڻ پرسان اگهاماٽي واهه پرسان نوجوان جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

راڌڻ (ن ع) راڌڻ پرسان پنج ڪلوميٽر پري ڳوٺ اگهاماٽي شاهه پنجو پوليس حد ۾ اگهاماٽي واهه پرسان نوجوان جو لاش هٿ آيو، اطلاع تي آسپاس جا رهواسي ۽ ڳوٺاڻا گڏ ٿي ويا جنهن بعد حد جي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. پوليس پهچڻ بعد ڳوٺاڻن

راڌڻ: فوتي شخص جو لاش واقعي واري هنڌ تي پيل آهي

زرعي يونيورسٽي عورت ليڪچرار جو ايسوسيئيٽ پروفيسر مٿان حراسان جو ڪيس داخل

ايسوسيئيٽ پروفيسر عبدالواحد بلوچ مسلسل حراسان ڪندو پيو اچي: ليڪچرار نائلا شيخ

ڪوڙي ايف آءِ آر ڪرائي بليڪ ميل جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، قانوني طور منهن ڏينداسين: عبدالواحد بلوچ

ٽنڊوڄام (ت ر) زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ عورت ليڪچرار پاران ايسوسيئيٽ پروفيسر مٿان حراسان ڪرڻ جو الزام، ٽنڊوڄام ٿاڻي تي ڪيس داخل. ايسوسيئيٽ پروفيسر پاران عورت ليڪچرار ۽ سندس مڙس مٿان بليڪ ميل ڪرڻ جو الزام. خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ پلانٽ بريڊنگ ۽ جينيٽڪس جي عورت ليڪچرار نائلا شيخ پاران ساڳئي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور شگر مل نارو ڍورو جي زيادتين خلاف آبادگارن جو گيٽ اڳيان احتجاج

آبادگارن ظهير خان مري، چوڌري الهڏتو محمد يعقوب کهڙو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مل انتظاميا هر ڪمنڊ جي ٽرالي تي 40 کان 70 من غيرقانوني ڪٽوتي ڪري رهي آهي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور شگر مل نارو ڍورو جي زيادتين خلاف سوين آبادگارن شگر مل جي مرڪزي گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي. مظاهري جي قيادت آبادگار اڳواڻ ظهير خان مري، چوڌري الهڏتو محمد يعقوب کهڙو، محمد لطيف جت، ميرل خان مري، غالب خان مري سميت ٻين ڪئي. مظاهرين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته خيرپور شگر مل هر ڪمنڊ جي ٽرالي تي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪنڊ ڪوٽ دونهن سبب سردي ۾ واڌ، بجلي غائب ٿيڻ سبب رهواسي پريشان

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ شهر سميت پرپاسي جي علائقي ۾ دونهن سبب بجلي جو نظام درهم برهم ٿي ويو رات دير کان وٺي بجلي بند ٿي جيڪا صبح جو 12 وڳي تائين بحال ٿي ڪيترا ئي ڪلاڪ بجلي بند هجڻ ڪري ڪاروبار متاثر رهيا ٽيس ملون سميت بجلي تي هلندڙ ڪم ڪندڙ مزدور طبقو پريشاني سان گذريو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

شهدادپور جي ليڊي هيلٿ ورڪر مٿان مبينا ڦرلٽ ڪري شاهين سون کڻي ويا

سمس اسپتال جي گيٽ تان گهر ڇڏڻ بهاني 4 ڄڻن ڪار ۾ ويهاري ڦرلٽ ڪئي: فاطمه آرائين

گهر پهچي جوابدارن کي پهرين 8 تولا سون ڏئي بيهوش ٿي ويس، انصاف ڪيو وڃي

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي عيد گاهه روڊ جي رهواسڻ ليڊيز هيلٿ ورڪر فاطمه آرائين کي چار نامعلوم ڪار سوار سمس اسپتال جي گيٽ تان گهر ڇڏڻ بهاني کڻي ويا سندس مٿان ڦرلٽ ڪري سندس گهر مان 8 تولا سون کڻي ڪار ۾ فرار ٿي ويا ـ ليڊيز هيلٿ ورڪرز 8 تولا ڏيڻ کان پوءِ بي هوش ٿي وئي ـ جن کي بيهوشي واري حالت ۾ وارثن سمس اسپتال

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ عورت جو پٽ ۽ مڙس سان گڏجي برادري جي بااثرن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي پرسان ڳوٺ لوهي واسي عورت جو پنهنجي پٽ ۽ مڙس سان گڏجي پنهنجي برادري جي بااثر ماڻهن خلاف احتجاج سندس پٽ کي موت مار ڌمڪيون ڏيڻ جا الزام. خبرموجب گهوٽڪي پرسان خانپورمهر ٿاڻي جي حد ڳوٺ لوهي جي رهواسڻ مائي گلزار خاتون سندس مڙس ڪريم داد سومرو ۽ پٽ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

دڙو لڳ رڪشا ڦٻي کائي ليٽڻ سبب هڪ پوڙهيت فوت، هڪ ڄڻو زخمي

ٽنڊو ڪيريا موري وٽ حادثي ۾ شاهنواز زرداري فوت ۽ غلام حيدر زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال آندو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

دڙو (ن ع) دڙو پرسان ٽنڊو ڪيريا موري وٽ شير علي شاهه جا رهواسي غلام حيدر زرداري، شاهنواز زرداري رڪشا تي گاهه کڻي ڳوٺ وڃي رهيا هوا ته تيز رفتاري سبب موڙ کان ٽن کندي رڪشا ڪنٽرول کان نڪري ويو جنهن سبب نوجوان شاهنواز زرداري ٿڌي تي فوت ٿي ويوجڏهن ته زخمي غلام حيدر زرداري کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ علائقي واسين نواب

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

متحده عرب امارات جي رواداري ۽ بقاءِ باهمي وارو وزير شيخ نهيان بن مبارڪ النهيان ڦادن خيرپور پهتو

خيرپور(ڊ ر) متحده عرب امارات جي رواداري ۽ بقاءِ باهمي وارو وزير شيخ نهيان بن مبارڪ النهيان ڦادن واري خيرپور پهتو وفاقي وزير داخلا محسن نقوي شيخ نهيان بن مبارڪ النهيان جو شاندار ۽ گرم جوشي سان استقبال ڪيو پنهنجي اڳواڻن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ سيپڪو پاران بجلي صارفين جي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري

اي سي مظفر حسين کهاوڙ انجنيئر شاهد حسين شاهه ۽ ٻين صارفين پاران شڪايتن جا انبار

اضافي يونٽن ڊيڊڪشن بلن کي موقعي تي ئي حل ڪري صارفين کي رليف

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ سيپڪو سب ڊويزن محرابپور پاران بجلي صارفين جي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ٽائون ڪاميٽي پارڪ ۾ کلي ڪچهري لڳائي وئي جنهن ۾ اي سي سيپڪو دادو مظفر حسين کهاوڙ انجنيئر سيپڪو نوشهروفيروز شاهد حسين شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي بجلي صارفين بجلي بلن ٽرانسفارمرن ميٽرن سميت مختلف شڪايتن جا انبار

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال پوليس ڪارروائي، ڪچو شراب هٿ، جوابدار گرفتار

اڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال وليج ايس ايڇ او راناجمشيد راجپوت موجب ايس ايس پي مٽياري جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز ڪري ڇڏيون آهن قيصر سنهڙو لنڪ روڊ تي ڪارروائي گشت

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

محرابپور: سيپڪو عملدار کلي ڪچهري ۾ ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيا آهن

ڪپرو جي گودام مان ڳجهي نموني چوري ڪيل ڪڻڪ جي 9 ٽرڪن کي خوراڪ کاتي پاران پڪڙي ورتو

گودام انچارج پاران غيرقانوني ڳجهي نموني هزارين مڻ ڪڻڪ واپارين کي وڪرو ڪرڻ جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي: عملدار

انچارج عباس ميمڻ فوڊ انسپيڪٽر عابد پنهور خلاف ڊي ايف سي سانگهڙ منور آرائين جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪپرو (ن ع) ڪپرو جي سرڪاري ڪڻڪ جي گودام مان گودام انچارج پاران غير قانوني ڳجهي نموني هزارين مڻ ڪڻڪ واپارين کي وڪرو ڪرڻ جي اطلاع تي خوراڪ کاتي جي ٽيم ڪارروائي ڪري ڪڻڪ سان 9 ٽرڪن کي تحويل ۾ وٺڻ بعد ڪپرو ٿاڻي تي ڊي ايف سي سانگهڙ منور آرائين جي فرياد تي ڪپرو فوڊ گودام جي انچارج

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

مورو: هٿ آيل نوجوان آصف دراني جو گولي لڳل لاش

سکر پريس ڪلب سال 2026 جي سالياني چونڊن جو شيڊول جاري

اميدوار 15 ڊسمبر کان 17 ڊسمبر تائين نامزدگي ڪاغذ حاصل ۽ جمع ڪرائي سگهندا

پولنگ 31 ڊسمبر تي صبح 11 کان شام 5 وڳي تائين ٿيندي ۽ نتيجن جو اعلان رات جو ڪيو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب سال 2026 جي سالياني چونڊن جو شيڊول جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن مطابق چونڊون ڊسمبر جي وچ ۾ شروع ٿينديون ۽ 31 ڊسمبر تي پولنگ ۽ نتيجن جي اعلان سان مڪمل ٿينديون پريس ڪلب زور ڏنو آهي ته چونڊون شفاف، منظم ۽ جمهوري انداز ۾

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-306095925-2025	SERVICES FOR THE CONSTRUCTION/INSTALLATION OF EARTH PITS AND LIGHTENING ARRESTERS	05.01.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CSR-306008804-2025	HIRING OF LAND SERVICE PROVIDER IN POTOHAR	05.01.2026 AT 1030 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **21.11.2025, 29.11.2025 and 02.12.2025**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-ADMIN-CB-60-3350-304349037-2025	HOUSEKEEPING/FACILITY MANAGEMENT SERVICES	26.12.2025 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-WL-304708840-2025	WIRELINE OPEN HOLE & SPECIALIZED LOGGING SERVICES AND WIRELINE CASED HOLE & PERFORATING SERVICES	29.12.2025 AT 1030 HRS
3.	OGDC-FB-CB-PROD-302369137-2025	CEMENTING AND CIRCULATING HOSES	05.01.2026 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 341/40

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

حيدرآباد: مسيحي برادري پاران ڪرسمس جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

لاڙڪاڻي ۾ گئس سلينڊر ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل وڌيڪ هڪ عورت فوت

زخمي ٿيل 4 ڄڻن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪراچي اسپتال جي منتقل ڪيو ويو هو

علاج دوران زخمي عورت ساجده زال مختيار جتوئي فوت ٿي وئي، فوتين جو انگ 3 ٿي ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ وارو معاملو واقعي ۾ سڙي زخمي ٿيل وڌيڪ هڪ عورت ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت، فوتين جو انگ وڌي 3 ٿي ويو لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو واقعي ۾ زخمي ٿيل 16 ڄڻن جو لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي جي اسپتال ۾ علاج هلندڙ آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي حيدري ٿاڻي جي حد لهر ڪالوني ۾

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ سيڪيورٽي انتظامن بابت اهم اجلاس، امن امان وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ غور ويچار

ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ڄامشورو ۽ دادو سميت ٻين پوليس عملدارن شرڪت ڪئي

سيڪيورٽي انتظامن کي اثرائتو بڻائڻ، الرٽ رهڻ، گشت نظام کي وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ جون هدايتون

سيوهڻ(ن ع) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو جي صدارت هيٺ سيوهڻ ۾ سيڪيورٽي انتظامن بابت اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو. اجلاس ۾ ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا، ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي سميت ٻين لاڳاپيل پوليس عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران سيوهڻ ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ مجموعي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ليگل ايڊ سوسائٽي پاران جسٽس حب قائم

جسٽس حب قائم ڪرڻ جو مقصد عوام کي مفت ۽ آسان قانوني سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

جسٽس حب انتظاميا ۽ سماج جي پسمانده طبقن وچ ۾ هڪ مؤثر پل جو ڪردار ادا ڪندو: فياض عباسي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ليگل ايڊ سوسائٽي پاران حيدرآباد ۾ جسٽس حب قائم ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد عوام کي مفت ۽ آسان قانوني سهولتون فراهم ڪرڻ آهي جسٽس حب ۾ شهرين کي قانوني مشاورت، ضرورت موجب عدالت ۾ نمائندگي، خاندان ۽ ملڪيت جا معاملا نادرا سان لاڳاپيل سجاڳي جا مسئلا صلح صفائي ۽ ڪائونسلنگ ٽرڙي پوليس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

راڌڻ لڳ سيد برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڌر جا ٽي ڄڻا زخمي

ڳوٺ سيعدي واهڻ ۾ زرعي زمين جي مالڪي تان ڌرين ۾ ويڙهاند ٿيو

مبينا فائرنگ ٿيڻ سبب محرم شاهه، سينگار علي ۽ سيد ذيشان زخمي ٿي پيا

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ٿاڻي جي حد راڌڻ وليج ۽ ڳوٺ سيعدي واهڻ ۾ زرعي زمين جي مالڪي تان سيد برادري جي ٻن ڌرين سيد شفقت شاهه ۽ سيد محبوب شاهه جي ڌرين وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر جهيڙو مبينا فائرنگ جي نتيجي ۾ محبوب شاهه جي ڌر جا ٽي ڄڻا سيد محرم شاهه سيد سينگار علي شاهه ۽ سيد ذيشان علي شاهه سخت زخمي ٿيا جن کي ڪلي راڌڻ ٿاڻي تي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: زخمي ٿيلن کي علاج لاءِ ڊالي ۾ نيو پيو وڃي

پنوعاقل ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن جو پگهارون بند ڪرڻ خلاف احتجاج

ملازمن عبدالمجيد جسڪاڻي ارشاد خان چاچڙ، جاويد ڪورائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن کي پگهارون ڏئي انهن کي ڊيوٽي سان لڳايو وڃي

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل: آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن سکر ڊويزن جي سڏ جي موٽ ۾ گهوٽڪي ميونسپل ڪاميٽي جي 300 کان وڌيڪ ملازمن جون پگهارون ڇهن سالن کان بند ڪرڻ ۽ جبري برطرفي خلاف ميونسپل ڪاميٽي پنوعاقل کان پنوعاقل پريس ڪلب تائين يونين اڳواڻ عبدالمجيد جسڪاڻي ارشاد خان چاچڙ، جاويد ڪورائي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ايم پي اي مير شهريار شر جان کي لاحق سنگين خطرن بابت صدر کي خط

ايس ايڇ او شڪور لاڪو اڳ واڻگر ٻيهر ڪارندن ذريعي حملو ڪرائي سگهي ٿو

خط تي نوٽيس وٺي شڪور لاڪو کي نوڪري مان ترت برخاست ڪيو وڃي

اوباوڙو (ن ع) اوباوڙو اڳوڻي پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي سردار مير شهريار خان شر پنهنجي جان کي لاحق سنگين خطرن پوليس جي مبينا ملي ڀڳت ۽ هڪ پوليس آفيسر جي مسلسل تعيناتي خلاف صدر مملڪت پاڪستان آصف علي زرداري، چيف جسٽس آف پاڪستان گهرو وزير سنڌ، ڊي جي رينجرز سنڌ، آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي سکر کي خط لکي ڇڏيو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو نوجوان جو گولي لڳل لاش روڊ تان هٿ

منهڙو پرسان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ آصف دراني طور ٿي

فوتي جو لاش اسپتال منتقل ڪيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

مورو (ن ع) گولي لڳل شخص جو لاش شاهپورجهانيان اسپتال آندو ويو آهي. ٻڌايو وڃي پيو ته لاش منهڙو پرسان مورو/ٻانڊي روڊ وٽان هٿ آيو آهي. ذريعن پاران فوتي جو نالو منهڙو واسي آصف دراني پٽ ٻانڊي شگرمل جو ملازم پڻ ٻڌايو پيو وڃي موت جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو فوتي جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٿهرام مجي ريو پوليس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

مورو پوليس پاران مقابلي بعد ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

پنجن پيرن وٽ گشت دوران مقابلي بعد 7 ڪيسن ۾ گهربل بهادر بگهيو کي گرفتار ڪيو: پوليس

وڏيري پاران ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ۽ پوليس گرفتار ڪري ڪوڙي مقابلي ۾ زخمي ڪيو آهي: بهادر

مورو (ن ع) مورو ويجهو دڙس پوليس جو پنجن پيرن وٽ گشت دوران ڌاڙيلن سان مبينا مقابلو ٿي پيو مقابلي دوران هڪ ڄڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي زخمي کي مورو اسپتال آندو ويو جتي زخمي جي سڃاڻپ بهادر عرف باجو يوٽي ولد حاجي احمد بگهيو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

مورو: زخمي جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ سنڌ پوليس ايس پي ڊي اميدوارن جو آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج

اميدوارن شاهه رخ، ابوبڪر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

جيڪڏهن مطالبا جلد منظور نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس ايس پي ڊي-01 جي انتظار ڪندڙ اميدوارن آفر آرڊر جاري ڪرڻ ۾ دير ۽ رشوت جي الزامن خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون سخت احتجاج ڪيو مظاهرين جي اڳواڻي اميدوار

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ٿر فائونڊيشن پاران ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪيمپ قائم

ڪئمپ ۾ 2000 کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس، 165 مريضن جا آپريشن پڻ ڪيا ويا

ٿر جي ڏورانهن علائقن جي ماڻهن تائين اکين جي علاج تائين رسائي بهترين قدم آهي: فرحان انصاري

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي بجير) ٿر فائونڊيشن، البصير فائونڊيشن ڪراچي جي سهڪار سان ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪيمپ منعقد ڪئي وئي، جنهن جو باقاعده افتتاح پهرين ڏينهن ڊپٽي ڪمشنر

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ميرپور بٺورو: قومپرست اڳواڻ قاسم پٽر جي ورسي تقريب، پيغام پيش

نواز خان زئور ۽ قومي پارٽي اڳواڻن مزار تي اجرڪ چاڙهي، گل نڇاور ۽ دعا ڪئي

قاسم پٽر کي بهادر ڪميٽيڊ ۽ سنڌ لاءِ وقف سياسي اڳواڻ طور ياد ڪيو ويندو رهندو

ميرپوربٺورو(ن ع) قومپرست اڳواڻ قاسم پٽر جي 18هين ورسي مزار تي حاضري، پيغام پيش. خبر موجب جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران هاري ۽ قومپرست اڳواڻ قاسم پٽر جي 18هين ورسي جي موقعي تي قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور قادر بخش زئور علي رضا خاصخيلي نانو زئور خادم ميراڻي ۽ دائود ايڊوڪيٽ جي اڳواڻي ۾ سندس مزار تي اجرڪ جي چادر چاڙهي گل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

مسو ڀرڳڙي صحافي غلام مصطفى بروهي جي والد جگر جي بيماري سبب اسپتال ۾ داخل

عبدالله بروهي جي حالت غير تسلي بخش آهي ۽ علاج لاءِ وڌيڪ طبي سهولتن جي ضرورت آهي: غلام مصطفى

شادي لارج جي صحافين جو وزيراعليٰ ۽ اطلاعات کاتي کان والد جي فوري علاج ۽ مالي مدد جو مطالبو

شادي لارج (ن ع) مسو ڀرڳڙي جي سينيئر صحافي غلام مصطفى بروهي جو والد عبدالله بروهي گذريل ٻن مهينن کان جگر جي بيماري ۾ مبتلا مختلف وقتن تي نجي اسپتالن ۾ داخل سندس علاج هلندڙ شادي لارج جي صحافين پاران سنڌ سرڪار ۽ اطلاعات کاتي کان صحافي جي بيمار والد جو علاج ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي موجب عبدالله بروهي جي حالت غير تسلي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

هالا: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد لڳ مبينا پوليس مقابلي ۾ بدنام ڌاڙيل علي جان ملغاڻي مارجي ويو

ٺل اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٻولاڪي ويجهو پوليس جو هٿياربندن سان مبينا مقابلو ٿي پيو

هڪيڙي تي فائرنگ دوران علي جان ملغاڻي مارجي ويو جنهن تي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ 100 کان وڌيڪ ڪيس داخل آهن

سندس ساٿي فرار ٿي ويا، جوابدار مٿان 20 لک رپين جو انعام پڻ رکيل هو، مقابلي جو ڪيس داخل

جيڪب آباد (ڊ ر) ٺل جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٻولاڪي ويجهو مبينا پوليس ۽ ڌوڙهه جي ارادي سان بيٺل هٿياربندن جي وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جي فائرنگ جي ڏي وٺ بعد هڪ هٿياربندن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل علي جان ملغاڻي جو لاش ۽ حياتي جي تصوير ٻي طرف سندس ناني جي تصوير جيڪا لاش وصول ڪرڻ پهتي

ڪنڊڪوٽ لڳ چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 9 ڄڻا زخمي

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ جي گهوڙاگهٽ ٿاڻي جي حد ۾ چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه کان جيهڙو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

بٺوري ۾ اي سي پاران حددخلين جو آزار خلاف آپريشن

ميرپوربٺورو(ن ع) ميرپور بٺوري ۾ حددخلين جو آزار وڌي ويڃ ڪائيو اي سي ميرپوربٺورو ۽ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاهه لڳ ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

قومي شاهراهه تي حادثي ۾ 28 ورهين جو رجب علي ولد رضامحمد انڙ فوت ٿي ويو

پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

لڪي غلام شاهه(ن ع) لڪي غلام شاهه لڳ سکر شڪارپور قومي شاهراهه روڊ پرسان جهان خان ٿاڻي جي حد ۾ تيز رفتار ٽرالر موٽر سائيڪل سوار کي زوردار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ ٿڌي تي فوت ٿي ويو 28 ورهين جي نوجوان جي سڃاڻپ رجب علي ولد رضا محمد انڙ طور ٿي آهي جيڪو ڳوٺ ياسين جو رهواسي ٻڌايو ويو آهي مڙهه واقعي هنڌ کان جهان خان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاهه: فوتي شخص جو لاش پيل آهي

گجي شهر ويجهو سماجي اڳواڻ جي پاءِ کان موٽرسائيڪل ڦر

ٺٽو(ڊر) گجي شهر ويجهو قومي شاهراهه تان سماجي اڳواڻ شهروز چانگ جي وڏي پاءِ ڪرم علي چانگ کان نامعلوم موٽر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

جوهي اغوا ٿيل ناري کي مخالف چنڊڻ موري وٽ اکيون ٻڌي اڇلائي فرار

سليمان پهوڙ ڳوٺ مان ناري راجل پهوڙ کي اغوا ڪيو ويو هو

هٿيارن جي زور تي ناري کي اغوا ڪري تشدد جو نشانو بڻايو، پوليس ڪارروائي لاءِ تيار ناهي: وارث

دادو(ڊ ر) جوهي جي ڳوٺ سليمان پهوڙ مان اغوا ٿيل ناري ۽ راجل پهوڙ کي مخالف چنڊڻ موري وٽ اکيون ٻڌي اڇلائي فرار ٿي ويا آهن. متاثر ناري جي ڪٽنب پاران احتجاج ڪري جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي جان محمد پهوڙ راجل، متاثر ناري زرينا سان گڏ ٻين ماڻهن ڏانهيو آهي ته مخالف جلال پهوڙ ممتاز عبدالله پهوڙ ۽ ٻين چيو ته ناري راجل کي مخالفن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سپاٽي کان بلوچستان، سنڌ، خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ برسات جو امڪان

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) موسم برسات اولهه جوسسٽم عراق ايران ۾ برسات جا وسڪارا جاري 19ڊسمبر کان 21ڊسمبر تائين پاڪستان ۾ به برسات جوامڪان اولهه جي برسات وارن ڪڪرن جوسفر عراق ۽ايران ملڪ ۾ جاري عراق ۽ايران ملڪن ۾ برسات جاوسڪارا جاري اولهه وارو برسات جوسسٽم پاڪستان ۾ 19ڊسمبر کان داخل ٿيڻ جوامڪان پاڪستان جي صوبي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ ڳوٺاڻن جو جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس زهر ڏئي مارڻ جي ڪيس ۾ جوابدار جاويد ماڇي کي گرفتار ڪيو آهي

اڃا تائين ٻيا جوابدار گرفتار ناهن ٿيا، ڪيس تان ڪڍڻ لاءِ ڌمڪيون پيون ملن: مظاهرين

هالا (ت ر) هالا پراڻا پوليس پاران ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڳوٺ اڇي مسيت جي رهواسي ڳوٺاڻن وريل ماڇي ورياهم ماڇي شريف ماڇي ۽ ٻين هالا پراڻا پوليس جي خلاف احتجاج ڪندي چيو ته هالا پراڻا پوليس اسان جي نوجوان فريد ماڇي کي زهر ڏئي مارڻ جي ڪيس ۾ گهربل هڪ جوابدار جاويد ماڇي کي گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته سجاد غلام مهدي ڏاڏو ماڇي کي اڃا تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي جيڪي اسان کي ڪيس تان هٽ ڪڍڻ لاءِ جان کان

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

روهڙي پرسان جهنگا مهر ۽ مرڻاٽي جتوئي برادري جي ڌرين ۾ فائرنگ، هڪ ڄڻو مارجي ويو

ڪچي واري علائقي رضا ڳوٺ واسي ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان هلندڙ جهيڙو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو

ٻنهي ڌرين پاران هڪٻئي خلاف اندڌاڌند فائرنگ جي نتيجي ۾ رمضان مرڻاٽي جتوئي مارجي ويو، فائرنگ جو سلسلو جاري

سکر(ن ع) روهڙي پرسان رضا ڳوٺ ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ جهنگا مهر ۽ مرڻاٽي جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان هلندڙ جهيڙو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو ڌرين جي هڪ ٻئي مٿان

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٻيراڻي هندو پنچائت جي صدر ڄٽي ڪمار هرواڻي جي والد جو ٽيجهون پڳڙين جي رسم ادا ڪئي وئي

ڄام نواز علي(ن ع) يوٿ هندو پنچائيت ٻيراڻي جي صدر هندو ويلفيئر پنچائيت پاڪستان جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ ديوان اسٽيٽ جي مئنيجر ڄٽي ڪمار هرواڻي ۽ گهنشام داس هرواڻي جي والد اڳوڻي اقليتي ڪائونسلر ۽ ديوان منومل لڪواڻي جي جنرل مئنيجر هيمن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪپرو: ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ساره جاويد جو ڪپرو جو دورو پوليو مهم سينٽرن جي تفصيل ورتا

ڪپرو(ن ع) ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ساره جاويد ڪپرو پهتي جتي هن تعلقه اسپتال ڪپرو سميت مختلف روڊن تي پوليو مهم

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ نه جلد ئي اين بي بين الاقوامي ايئرپورٽ بڻجڻ وارو آهي: ڪميل حيدر شاهه

مسافر عمري ۽ حج جي ادائيگي لاءِ سکر ايئرپورٽ کان ئي روانگي ۽ واپسي ڪري سگهندا

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA) جي انتظام هيٺ بيگم نصرت ڀٽو ايئرپورٽ سکر تي فل اسڪيل ايئرپورٽ ايمرجنسي ايڪسرسائز "SAFE SKY-2025" منعقد ڪئي وئي انهيءَ موقعي تي فائر فائٽنگ ۽ ريسڪيو آپريشن جي فرضي مظاهري ۾ ايئر سائيڊ مينيجمينٽ، پي اي اي جي مختلف ڊپارٽمينٽس جي عملي فائر فائٽنگ،

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پرسان هٿياربند گهر مان 90 لک روڪ رقم ۽ سون کڻي فرار، احتجاجي ڌرڻو

آدم ٽائون ۾ 8 هٿياربند استاد مير حسن ابڙو جي گهر ۾ داخل ٿي گهرڀاتين کي يرغمال بڻايو

واقعي خلاف متاثر مير حسن ابڙو ۽ برادري پاران سنڌ-بلوچستان انڊس هاءِ وي روڊ تي ڌرڻو ڏئي ٽائرن کي باهيون، نعريبازي

ايس ايس پي جيڪب آباد اسان انصاف ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري پئسا ۽ سون واپس ڪرائي ڏي: مظاهرين

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد پرسان آباد ٿاڻي جي حد آدم ٽائون ۾ 8 نامعلوم هٿياربند استاد مير حسن ابڙو جي گهر ۾ داخل ٿي ڪري سمورن گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي ڪري گهر ۾ پيل 90 لک

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-305536108-2025	CONSTRUCTION OF LINE HEATER FOUNDATIONS AND PIPE SUPPORTS AT DAKHNI PLANT JAND, ATTOCK	02.01.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-306037151-2025	CONSTRUCTION OF RCC PIT FOR INSTALLATION OF UNDERGROUND 50KL FUEL STORAGE TANK AT KUNNAR, HYDERABAD, SINDH	05.01.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-306041254-2025	BACKFILLING OF PITS AT WELL DARS	06.01.2026 AT 1130 HRS
4.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-306044514-2025	CONSTRUCTION OF MISCELLANEOUS CIVIL WORKS AND INSTALLATION OF MESH FENCE AT DHOKE HUSSAIN, KOHAT, KPK	07.01.2026 AT 1130 HRS
5.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-306165362-2025	CONSTRUCTION OF ABLUTION PITS AT QADIRPUR FIELD, GHOTKI, SINDH	08.01.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **29-11-2025**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBF-PT-CSR-ITP-304738614-2025	CONSTRUCTION OF DIGITAL DRIVING LICENSE HALL AT ITP OFFICE, ISLAMABAD	22.12.2025 AT 1130 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 340/39

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڻ پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.